جمهوري سوچ جي ترجمان
ABC
CARTL.
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ
ايڊيٽر: سيد گل شاه
جلد 17 | آچر 08 نومبر 2026ع بمطابق 27 جمادي الاول 1448هه | قيمت: 20 | شمارو 28

سنڌ حڪومت جو ٿرپارڪر کي آفت سٽيل ضلعو قرار ڏيڻ جو فيصلو

ٿرپارڪر جي سمورن ستن ئي تعلقن ۾ ڏڪار جهڙي صورتحال آهي، جتي 85 کان 90 سيڪڙو تائين فصلون تباهه يا غيرپيداوار ٿي چڪيون آهن: وڏي وزير کي بريفنگ

سيپٽمبر 2026ع دوران ٿرپارڪر جي ستن ئي تعلقن ۾ رڳو هڪ کان 36 ملي ميٽر برسات رڪارڊ ڪئي وئي، غيرمتوازن برساتن سبب فصلون ۽ قدرتي گاهه پچڻ کان اڳ ئي سڪي ويا

ٿرجي ماڻهن کي پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي يقيني بڻائي وڃي، غيرفعال آر او پلانٽن جي فوري مرمت ڪري ڪين فعال بڻايو وڃي ۽ پاڻي پهچائڻ جا سمورا موجود ذريعا بحال ڪيا وڃن

مراد علي شاهه چيف سيڪريٽري کي نئون ڪوٽ کان مٺي تائين پاڻي جي پائيپ لائين وڇائڻ جي فزيبلٽي جو جائزو وٺڻ ۽ پاڻي جي فراهمي لاءِ ڊگهي مدي واري رٿابندي ڪرڻ جي به هدايت

وڏي وزير ڏڪار سبب متاثر ٿيندڙ چوپائي مال جي تحفظ لاءِ سفارشون تيار ڪرڻ ۽ ڏڪار سٽيل علائقن ۾ امدادي قدمن جي مسلسل نگراني ڪرڻ جي پڻ هدايت ڪئي

ٿرپارڪر جي متاثر ماڻهن کي اڪيلو نه ڇڏيو ويندو، سنڌ حڪومت هر ممڪن مدد فراهم ڪندي. پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي، چوپائي مال جو تحفظ ۽ متاثر خاندانن کي رليف ڏيڻ حڪومت جي پهرين ترجيح آهي: مراد علي شاهه

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت ٿرپارڪر ۾ ڏڪار جي سنگين صورتحال کي نظر ۾ رکندي ضلعي کي آفت سٽيل قرار ڏيڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي، جڏهن ته وڏي وزير مراد علي شاهه ڏڪار کي منهن ڏيڻ لاءِ فوري قدم کڻڻ جون هدايتون جاري ڪري ڇڏيون آهن. وڏي وزير کي ڏنل بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته ٿرپارڪر جي سمورن ستن ئي تعلقن ۾ ڏڪار جهڙي صورتحال آهي، جتي 85 کان 90 سيڪ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

ڪراچي: وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي صدارت ۾ ٿرپارڪر جي ڏڪار بابت اجلاس جو ڏيک

اي آءِ ذريعي پاڻمرادو سائبر حملن جو خطرو، بئنڪن ۽ اهم قومي ٿاڪن لاءِ ايڊوائزري جاري

اسلام آباد (بيورو) هٿرادو ڏاهپ واري ٽيڪنالوجي (اي آءِ) ذريعي پاڻمرادو سائبر حملن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

صنم جاويد جو مڙس کان ڌار ٿيڻ لاءِ عدالت سان رابطو

لاهور (م د) ڪوٽ لکپت جيل ۾ قيد پي ٽي آءِ اڳواڻ صنم جاويد مڙس کان خلع وٺڻ لاءِ فيملي ڪورٽ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

عاصم منير سان سوڊان جي گهرو وزير جي ملاقات، سيڪيورٽي تعاون وڌائڻ تي اتفاق

چيف آف ڊفينس فورسز ۽ چيف آف آرمي اسٽاف فيلڊ مارشل سيد عاصم منير سان سوڊان جي گهرو وزير ليفٽيننٽ جنرل (پوليس) بابيڪر سمره مصطفيٰ علي جنرل هيڊ ڪوارٽرز (جي ايڇ ڪيو) ۾ ملاقات

جنهن ۾ ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ ٻطرفن لاڳاپن، سيڪيورٽي تعاون ۽ علائقائي، عالمي سلامتي جي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

ملاقات ۾ گڏيل دلچسپي جي معاملن ۽ پاڪستان، سوڊان جي وچ ۾ مختلف شعبن ۾ تعاون وڌائڻ جي موقعن جو جائزو ورتو ويو

ملاقات جي دوران ٻنهي طرفان سيڪيورٽي، دهشتگردي جي خاتمي ۽ اداره جاتي تعاون جي شعبن ۾ لاڳاپا وڌيڪ مضبوط بنائڻ جي ارادي جو اظهار ڪيو ويو

فيلڊ مارشل سيد عاصم منير گڏيل سيڪيورٽي چيلنجز کي منهن ڏيڻ جي لاءِ ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ ويجهي تعاون ۽ رابطن جي اهميت تي زور ڏنو

انهي موقعي تي سوڊان جي گهرو وزير ليفٽيننٽ جنرل بابيڪر سمره مصطفيٰ علي علائقائي امن، استحڪام کي هٿي ڏيڻ ۾ پاڪستان جي ڪردار جي تعريف ڪئي

راولپنڊي (م د) چيف آف ڊفينس فورسز ۽ چيف آف آرمي اسٽاف فيلڊ مارشل سيد عاصم منير سان سوڊان جي گهرو وزير ليفٽيننٽ جنرل (پوليس) بابيڪر سمره مصطفيٰ علي جنرل هيڊ ڪوارٽرز (جي ايڇ ڪيو) ۾ ملاقات ڪئي، جنهن ۾ ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ ٻطرفن لاڳاپن، سيڪيورٽي تعاون ۽ علائقائي، عالمي سلامتي جي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. آءِ ا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

راولپنڊي: فيلڊ مارشل عاصم منير سان سوڊاني گهرو وزير جي ملاقات ڪندي

وفاقي گهرو وزير ۽ مملڪتي وزير طلال چوڌري سان سوڊان جي گهرو وزير جي ملاقات، وفدن جي سطح تي ڳالهيون

سوڊان جي وچ ۾ سيڪيورٽي، اندروني معاملن، سائبر ڪرائم، پوليس ٽريننگ، ادارتي تعاون، نادرا ۽ مختلف شعبن ۾ تعاون وڌائڻ تي اتفاق ڪيو ويو

پاڪستان ۽ سوڊان جي وچ ۾ سائبر ڪرائم جي شعبي ۾ تعاون وڌائڻ لاءِ هڪ مفاهمت جي ياداشت تي صحيح ڪرڻ جو به فيصلو ڪيو ويو

پاڪستان ۽ سوڊان جي وچ ۾ سائبر ڪرائم جي شعبي ۾ تعاون وڌائڻ لاءِ هڪ مفاهمت جي ياداشت تي صحيح ڪرڻ جو به فيصلو ڪيو ويو

اسلام آباد (بيورو) وفاقي گهرو وزير محسن نقوي ۽ مملڪتي وزير طلال چوڌري سان سوڊان جي گهرو /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

نائب وزيراعظم جو لياقت بلوچ سان ٽيليفون تي رابطو، 10 نومبر تي ڳالهين جو آخري دور ٿيندو: اسحاق ڊار

ٻنهي اڳواڻن حڪومت ۽ جماعت اسلامي جي وچ ۾ ڳالهين جي حوالي سان تفصيلي ڳالهيون ڪيون

حڪومت ۽ جماعت اسلامي جي ڳالهين واري سب ڪميٽي جو اجلاس ٿي چڪو آهي ٽيڪنيڪل ڪميٽي به پنهنجو اجلاس مڪمل ڪري چڪي آهي

لاهور (م د) نائب وزيراعظم اسحاق ڊار جماعت اسلامي پاڪستان جي نائب امير لياقت بلوچ سان ٽيل/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

لاهور: امير جماعت سالامي حافظ نعيم الرحمان پريس ڪانفرنس ڪندي

پاڪستان ۾ 20 سالن کانپوءِ سمنڊ ۾ تيل ۽ گئس ذخيرن ڳولا ٻيهر شروع

ترڪ پيٽروليم جي آف شور ڪمپني جو خاص سيزمڪ سروي جهاز 17 کان 20 نومبر تائين ڪراچي پهچندو

منصوبي تحت ساموندي سطح هيٺ موجود ارضياتي بناوتن جو سيزمڪ سروي ذريعي جائزو ورتو ويندو

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان ۾ اٽڪل 20 سالن جي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

سنڌ جي اعتراضن باوجود لنڪ ڪئنالن مان هزارين ڪيوسڪ پاڻي جاري

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي سخت اعتراضن باوجود ٽي پي ۽ سي جي لنڪ ڪئنالن مان پاڻي جو چو/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

مهانگي ايل پي جي کان پوءِ عوام تي هڪ ٻيو بار

في يونٽ بجلي 2 روپيه 37 پئسا مهانگي، نوٽيفڪيشن جاري

بجلي سيپٽمبر 2026 جي ماهوار ايڊجسٽمينٽ جي مد ۾ مهانگي ڪئي وئي

اسلام آباد (بيورو) نيشنل اليڪٽرڪ پاور ريگوليٽري اٿارٽي (نيپرا) سيپٽمبر جي فيول پرائس ايڊجسٽمينٽ جي تحت بجلي 2 روپيه 37 پئ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

جيڪڏهن ليوي جي حوالي سان حڪومت قدم نه کنيو ته اسان ٻيهر روڊن تي اينداسين: حافظ نعيم الرحمان

3 سال اڳ طوفان اقصيٰ جي جهڙي طرح سان فلسطينين مزاحمت ڪئي انهي جو بدلو اسرائيلين عام انسانن کان وٺڻ شروع ڪري ڇڏيو

ليوي فوري طور تي ختم ڪئي وڃي، جيڪڏهن ليوي جي حوالي سان حڪومت قدم نه کنيا ته اسان ٻيهر روڊن تي اينداسين

لاهور (م د) جماعت اسلامي جي امير حافظ نعيم ا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

شهدادپور: صوبائي گهرو وزير ضياالحسن لنجار پاسنگ آئوٽ پريڊ ڏسي رهيو آهي

اسان پنج منٽن ۾ دفاعي نظام تباهه ڪري ڇڏيو، ٽرمپ جي ايران تي محدود حملن جي تصديق

ايران جي پيٽ ڦشر جي پرسان ڌماڪن جي اطلاعن تي صحافين جي سوالن جو جواب ڏيندي ٽرمپ پهريان ڪارروائي تي ڳالهائڻ کان پاسو ڪيو

واشنگٽن (م د) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ايران ۾ حدفن تي محدود فوجي حملا جاري رکڻ جي تصديق ڪئي آهي، جڏهن ته واشنگٽن وچ اوڀر ۾ موج/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

پاڪستان جي ساموندي پٽي ۾ تيل ۽ گئس جي ڳولا لاءِ نئين مهم شروع ڪرڻ جو فيصلو

پاڪستان ۾ ٻن ڏهاڪن کانپوءِ سمنڊ اندر تيل ۽ گئس جي ذخيرن جي ڳولا ٻيهر شروع ڪرڻ جو فيصلو، ترڪ پيٽروليم جو جديد سروي جهاز 17 کان 20 نومبر دوران ڪراچي پهچندو، ساموندي وسيلن جي ڳولا لاءِ تياريون مڪمل ڪرڻ جون هدايتون

اوپر آف شور انڊس سي بلاڪ ۾ پاڪستان ۽ ترڪي جو گڏيل توانائي منصوبو، ترڪ ڪمپنيءَ کي 25 سيڪڙو، پي پي ايل کي 35 سيڪڙو ۽ او جي ڊي سي ايل توڙي ميري انرجيز کي 20، 20 سيڪڙو حصيداري حاصل

ترڪ سروي جهاز سمنڊ جي تري هيٺ موجود زميني بناوتن جو جائزو وٺندو، جديد زلزلي واريون لهرون رڪارڊ ڪري تيل ۽ گئس جي امڪاني ذخيرن جي نشاندهي ۽ مستقبل ۾ کوٽائي لاءِ مناسب هنڌن جي چونڊ ڪئي ويندي

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان ۾ لڳ ڀڳ ٻن ڏهاڪن کانپوءِ سمنڊ اندر تيل ۽ گئس جي ذخيرن جي ڳولا جون سرگرميون ٻيهر شروع ٿيڻ واريون آهن. جنهن سلسلي ۾ ترڪ پيٽروليم آف شور ڪمپني (ٽي پي او سي) جو خاص زلزلي واريون لهرون رڪارڊ ڪندڙ سروي جهاز 17 کان 20 نومبر دوران ڪراچي پهچندو، ترڪيءَ اوپر آف /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر18

چيف سيڪريٽري سنڌ طرفان سمورن رستن تي پوليو ويڪسينيشن جا انتظام سخت ڪرڻ جو حڪم

بس اڏن، ريلوي اسٽيشنن توڙي ٻين ٽرانزٽ پوائنٽن تي پوليو ٽيمون مقرر ڪيون وڃن

ڪو به ٻار پوليو کان بچاءَ جي ڦڙن کان محروم نه رهي ۽ لڏپلاڻ ڪندڙ خاندانن جي هر ٻار کي پوليو جا ڦڙا پيارڻ يقيني بڻايا وڃن

ڊپٽي ڪمشنر ٽرانزٽ پوائنٽن تي پوليو ٽيمن جي موجودگيءَ جو پاڻ جائزو وٺن ۽ مسافرن جي اچ وڃ وارن وقتن ۾ ٽيمن جي موجودگي يقيني بڻائين

ڪراچي (رپورٽر) چيف سيڪريٽري سنڌ آصف حيدر شاهه هدايت ڪئي آهي ته صوبي جي داخلي ۽ خارجي رستن تي پوليو کان بچاءَ جي ڦڙن پيارڻ وارن انتظامن کي وڌيڪ سخت ڪيو وڃي ۽ بس اڏن، ريلوي اسٽيشنن توڙي ٻين ٽرانزٽ پ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

بشريٰ بي بي نظر سخت متاثر، درخواست داخل

بئريسٽر سلمان صفدر 190 ملين پائونڊ ڪيس ۾ بشريٰ بي بي جي صحت بابت بيان حلفي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ جمع ڪرائي ڇڏيو

2 نومبر تي منجهند سادي 3 وڳي پي ٽي آءِ باني ۽ بشريٰ بي بي سان ملاقات طئي ٿيل آهي

ملاقات دوران بشريٰ بي بي غير معمولي طور تي گهري ڪاري رنگ جون عينڪون پاتل هيون

اسلام آباد (بيورو) پي ٽي آءِ باني ۽ بشريٰ بي بي سان اڊيالا جيل ۾ ملاقات کانپوءِ بئريسٽر سلمان صفدر بشريٰ بي بي جي صحت بابت اهم انڪشاف ڪري ڇڏيا آهن. بئريسٽر سلمان صفدر 190 ملين پائونڊ ڪيس ۾ بشريٰ بي بي جي صحت ب/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

ڪراچي: وڏي وزير جو صلاحڪار ڊاڪٽر شام سنڌ آڏواڻي اسڪول ۾ ڊياري جو ڪيڪ ڪاٽيندي

ملڪ ۾ سياسي چڪتاڻ وڌيڪ نه وڌڻ گهرجي: بئريسٽر گوهر

بيرسٽر سلمان صفدر جي پي ٽي آءِ باني سان هڪ ملاقات ٿي آهي، جنهن دوران عمران خان جي صحت ۽ ڪيسن بابت ڪجهه هدايتون مليون آهن

ٽي آءِ باني جي صحت بابت آيل اطلاع حوصلا افزا ناهن، جنهن تي پوري قوم کي ڳڻتي آهي

بئريسٽر گوهر مطالبو ڪيو ته اسيمبلي ميمبرن، ڪارڪنن ۽ حامين کي ڪنهن جو سلسلو بند ڪيو وڃي

اسلام آباد (بيورو) پي ٽي آءِ چيئرمين بئريسٽر گوهر چيو آهي ته ملڪ ۾ سياسي چڪتاڻ وڌيڪ نه وڌڻ گهرجي. هاڻي اهو سلسلو ختم ٿيڻ گهرجي. اسلام آباد ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي بئريسٽر گوهر چيو ته بيرسٽر سلمان صفدر جي پي ٽ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

هلندڙ سال ڪراچي ۾ اسٽريٽ ڪرائم جا 46 هزار 617 واقعا رپورٽ

پوليس رڪارڊ ۾ ڦر دوران مزاحمت تي قتل ٿيل شهرين جو انگ 51 ڄاڻايو ويو آهي

5 نومبر تائين شهرين کان ڪروڙين رپين جي ماليت جا 16 هزار 821 موبائل فون ڦريا ويا

ڪراچي (رپورٽر) شهر ۾ هلندڙ سال 5 نومبر تائين اسٽريٽ ڪرائم جا 46 هزار 617 واقعا رپورٽ ٿيا آهن. جن ۾ ڦورن جي فائرنگ ۾ 65 شهري /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

مولانا فضل الرحمان حڪومت ۾ حصو نه ملڻ تي ناراض آهي: فيصل ڪريم ڪنڊي

مولانا فضل الرحمان کي هاڻ رد ٿيل ماڻهو ياد آيا آهن، جڏهن انهي جي حڪومت هئي ته اوهان ڪنهن کي گورنر لڳايو؟

مان مولانا فضل الرحمان کي چوڻ چاهيان ٿو ته ڪڏهن ثواب جي خاطر به روزا رکي ڇڏيندا ڪريو، مولانا چوي ٿو ته مون کان سواءِ حڪومت نٿي ٺهي سگهي

جيڪڏهن حڪومت ٺهي به وئي ته هلي نٿي سگهي، پر هن پيري اوهان کان سواءِ حڪومت ٺهي به وئي ۽ هلي به رهي آهي

پشاور (م د) خيبرپختونخواهه جي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي مولانا فضل الرحمان کي تنقيد جو نشانو بڻائيندي چيو آهي ته مان مولانا جي تمام گهڻي عزت ڪندو آهيان، پر ڪڏهن ڪڏهن ثواب جي خاطر به روزا رکي ڇڏيندا ڪريو هن پيري مولانا کان سواءِ حڪومت ٺهي به وئي ۽ هلي به رهي آهي. پشاور جي مقامي هوٽل ۾ ڊاڪٽرن جي ڪانفرنس جي افتتاحي سيشن کان پوءِ ص/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

سنڌ آبادگار بورڊ جو ڪمند جي امدادي قيمت 647 رپيا في مڻ مقرر ڪرڻ ۽ 15 کان 20 نومبر تائين ڪرشنگ شروع ڪرائڻ جو مطالبو

حڪومت کان ڪمند جي امدادي قيمت 647 رپيا في مڻ مقرر ڪرڻ ۽ شوگر ملن ۾ 15 کان 20 نومبر تائين ڪرشنگ شروع ڪرائڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو

سنڌ ۾ ڪمند جو فصل مڪمل طور تي تيار ٿي چڪو آهي، پر 7 نومبر تائين نه ته شوگر ملن ۾ ڪرشنگ شروع ٿي سگهي آهي: محمود نواز شاهه

نه ئي حڪومت پاران ڪمند جي امدادي قيمت مقرر ڪئي وئي آهي، جنهن سبب آبادگار سخت پريشانيءَ ۾ مبتلا آهن

ان جي پوک تي وڏي سيڙپڪاري ڪرڻي پوي ٿي، ايندڙ سال لاءِ پوکيل ڪمند جي فصل تي به آبادگار هن وقت تائين 30 کان 40 سيڪڙو خرچ ڪري چڪا آهن

حيدرآباد (رپورٽر) سنڌ آبادگار بورڊ ڪمند جي ڪرشنگ ۾ دير ۽ امدادي قيمت مقرر نه ٿيڻ تي ڳڻتي ظاهر ڪندي حڪومت کان ڪمند جي امدادي قيمت 647 رپيا في مڻ مقرر ڪرڻ ۽ شوگر ملن ۾ 15 کان 20 نومبر تائين ڪر/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر30

حيدرآباد: سنڌ آبادگار بورڊ طرفان ٿيل گڏجاڻي بعد پريس ڪانفرنس ڪئي پئي وڃي

اورنگي ٽائون ۾ رينجرز جي ڪارروائي، 6 جوابدار گرفتار

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي علائقي اورنگي ٽائون ۾ رينجرز ڪارروائي ڪندي ڦرلٽ ۽ استري/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر31

دادو: نياڻي سان زيادتي، پيءُ سميت 6 ڄڻن خلاف ڪيس داخل، 4 گرفتار

دادو (رپورٽر) دادو شهر ۾ پنهنجي ئي پيءُ هٿان جنسي درندگي جو نشانو بڻجندڙ 16 سالا نياڻي (آ-ر) سان زيادتي جو واقعو رپورٽ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر32

مريم نواز جي لنڊن واري دوري جي خرچن بابت تفصيلن لاءِ پنجاب اسيمبلي ۾ تحريڪ التواجمع

لاهور (م د) پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز جي سيپٽمبر 2025 جي لنڊن واري دوري جي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر33

ڪراچي ۾ طارق روڊ پرسان جيولري رائيڊر کان ڦر

متاثر ڌريون موٽرسائيڪل تي سامان کڻي وڃي رهيون هيون. متاثرن

6 جوابدارن ڪين يرغمال بڻائي 82 تولا سون ۽ 4 ڪلو چاندي ڦر ڪئي ۽ فرار ٿي ويا

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي علائقي طارق روڊ پرسان هٿياربندن جيولري رائيڊر کان 82 تولا سون ۽ 4 ڪلو چاندي ڦر ڪري فرار ٿي ويا. پو/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

نيپرا بجلي مهانگي ڪري ڇڏي، نوان اگهه ڪي اليڪٽرڪ واهپيدارن تي به لاڳو

بجلي جي اگهن ۾ واڌ سيپٽمبر 2026ع جي ماهوار فيول پرائس ايڊجسٽمينٽ جي مد ۾ ڪئي وئي

نوان اگهه نومبر جي بلن ۾ لاڳو ٿيندا، ماهوار ايڊجسٽمينٽ ڪي اليڪٽرڪ جي واهپيدارن تي به لاڳو هوندي

سينٽرل پاور پرچيزنگ ايجنسي (سي پي پي اي) سيپٽمبر جي فيول پرائس ايڊجسٽمينٽ تحت بجلي 2 رپيا 56 پيسا في يونٽ مهانگي ڪرڻ جي درخواست ڪئي هئي

جنهن جي ڀيٽ ۾ نيپرا 2 رپيا 37 پيسا في يونٽ واڌ جي منظوري ڏني آهي

اسلام آباد (بيورو) نيشنل اليڪٽرڪ پاور ريگيوليٽري اٿارٽي (نيپرا) سيپٽمبر 2026ع جي فيول پرائس ايڊجسٽمينٽ تحت بجلي 2 رپيا 37 پيسا في يونٽ مهانگي ڪري ڇڏي آهي. نيپرا بجلي مهانگي ڪرڻ جو باضابطا نوٽيفڪيشن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

ڪرپٽو ڪرنسي ايڪسچينج ايم ايڪس سي گلوبل ۾ سيڙپڪاري ڪندڙن لاءِ بري خبر

واشنگٽن (م د) آمريڪا مشهور ڪرپٽو ڪرنسي ايڪسچينج MEXC Global خلاف/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

پاڪستان ۾ سيٽلائيٽ انٽرنيٽ لاءِ پرڏيهي ڪمپنين جي دلچسپي وڌي وئي

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان ۾ سيٽلائيٽ انٽرنيٽ سروس فراهم ڪرڻ لاءِ مقامي ۽ پرڏيهي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

سرڪاري بئنڪ مان 20 ڪروڙ کان مٿي جو ڌاڙو، لسٻيلي يونيورسٽي جي شاگردن تي شڪ، 3 ڄڻا گرفتار

لسٻيلو (م د) بلوچستان جي ضلعي لسٻيلي ۾ سرڪاري بئنڪ مان 20 ڪروڙ رپين کان وڌي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

اسلام آباد: ايل پي جي ايڪشن ڪميٽي جي گڏجاڻي جو ڏيک

بنون ۾ انٽيليجنس بنياد تي ڪارروائي، 4 دهشتگرد ماريا ويا

خيبرپختونخوا ۾ عزمِ استحڪام جي ويزن تحت فتنه الخوارج خلاف سيڪيورٽي فورسز جون اثرائتيون ڪارروايون جاري

مارجي ويل دهشتگردن جي قبضي مان وڏي مقدار ۾ هٿيار ۽ گولا بارود پڻ هٿ ڪيو ويو

بنون (م د) خيبرپختونخوا جي ضلعي بنون ۾ سيڪيورٽي فورسز انٽيليجنس بنياد تي ڪارروائي ڪندي 4 دهشتگردن کي ماري ڇڏيو /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

وڌيڪ نقصان ڏيندڙ ٽرانسفارمرن خلاف آپريشن شروع

رشيد ڳڙهي جي علائقن غفور آباد، ڳڙهي حيات خان ۽ فضل رحيم ۾ ڪارروائي ڪئي وئي

جتي بقايا بلن جي عدم ادائيگي سبب رشيد ڳڙهي جا 4 وڌيڪ نقصان ڏيندڙ ٽرانسفارمر بند ڪيا ويا

پشاور (م د) پشاور اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪمپني (پيسڪو) وزيراعظم شهباز شريف جي هدايت تي وڌيڪ نقصان ڏيندڙ ٽرانسفارمرن خلاف آپري/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

لاهور ۾ ٽريڪٽر ٽرالي جو موٽرسائيڪل سان ٽڪر، مرد ۽ عورت فوت

ٽريڪٽر جو اڳيون ٽائر ڦاٽڻ سبب ٽريڪٽر ٽرالي بي قابو ٿي موٽرسائيڪل سان ٽڪرائجي وئي

جنهن جي نتيجي ۾ موٽرسائيڪل سوار مرد ۽ عورت سخت زخمي ٿي

لاهور (م د) ڪينال روڊ تي ٺوڪر فلاءِ اوور پرسان افسوسناڪ حادثي جي نتيجي ۾ موٽرسائيڪل سوار مرد ۽ عورت فوت ٿي ويا ٽريڪٽر جو اڳيون ٽائر ڦ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ هفتي دوران مثبت رجحان رڪارڊ

روان هفتي پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج جو 100 انڊيڪس 7477 پوائنٽن جي واڌ سان 173886 پوائنٽن تي بند ٿيو

هفتي دوران 100 انڊيڪس 9614 پوائنٽن جي حد اندر رهيو

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج جي هفتيوار رپورٽ جاري ڪئي وئي آهي، جنهن موجب ڪاروباري هفتي دوران مارڪيٽ ۾ مثبت/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

ڊيموڪريٽس جو ٽرمپ انتظاميا خلاف جاچ منصوبو تيار

ٽرمپ انتظاميا تي خرچن، بدانتظامي ۽ ڪرپشن جي الزامن جي جاچ ڪئي ويندي

سينيٽ ۽ ايوانِ نمائندگان جي ڊيموڪريٽ ميمبرن وچ ۾ رابطا جاري آهن

واشنگٽن (م د) ڊيموڪريٽس ٽرمپ انتظاميا خلاف وڏي پيماني تي جاچ جو منصوبو تيار ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي. ايگزيڪيوس جي رپورٽ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر34

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ گذريل مهيني 1930 ڪيسن جا اڪلايا ويا

جن ۾ جسٽس شاهه رخ ارجمند 364 ڪيس اڪلائي سڀني کان اڳتي رهيو، جسٽس شاهه رخ ارجمند لڳاتار ٻئي مهيني سڀ کان وڌيڪ ڪيس اڪلائيندڙ جج رهيو

جسٽس انعام امين مناس جي سربراهيءَ ۾ ڊويزن بئنچ 172 ڪيسن جا فيصلا ڪيا

ڊويزن بئنچ پاران اڪلائيندڙ 172 ڪيسن مان 100 کان وڌيڪ فيصلن جا تفصيلي حڪم جسٽس شاهه رخ ارجمند لکيا

اسلام آباد (بيورو) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ گذريل مهيني 10 سنگل ۽ 5 ڊويزن بئنچن پاران اڪلائيندڙ ڪيسن جا تفصيل جاري ڪيا ويا آهن. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ آڪٽوبر مهيني دوران 1930 ڪيسن جا فيصلا ڪيا. جن ۾ جسٽس /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر35

ڪراچي: آرٽ گيلري ۾ ناري وڏي غور سان پينٽنگ جو جائزو وٺندي

لاهور ۾ ايئر ڪوالٽي انڊيڪس 273 رڪارڊ، سموگ خلاف ڪارروايون تيز

سڄي پنجاب ۾ سموگ جي خاتمي ۽ ماحولياتي قانونن جي پيڪڙي ڪندڙن خلاف ڪارروايون جاري آهن

گذريل 24 ڪلاڪن دوران سڄي پنجاب ۾ صنعتي يونٽن، سرن جي ڀٽن، پلاسٽڪ جي استعمال ۽ ڪمرشل ڪچن جي نگراني لاءِ ڀرپور ميداني آپريشن ڪيو ويو

صوبي ۾ 258 صنعتي يونٽن جو معائنو ڪيو ويو، پيڪڙين تي 5 يونٽ سيل ڪيا ويا، 10 لک 30 هزار رپيا ڏنڊ لاڳو ڪيو ويو

لاهور (م د) لاهور ۾ ايئر ڪوالٽي انڊيڪس 273 رڪارڊ ڪيو ويو آهي. جڏهن ته هوا جي رفتار 5 ڪلوميٽر في ڪلاڪ ۽ رخ اتر اولهه طرف آهي. وڏي وزير مريم نواز شريف جي هدايت تي سڄي پنجاب ۾ سموگ جي خاتمي ۽ ماحولياتي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

جمهوري سوچ جي ترجمان
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهه شيرازي
آچر 08 نومبر 2026ع بمطابق 27 جمادي الاول 1448ھ

ترقيءَ جون دعوائون، عوام تي قرض جو بار

پاڪستان ۾ ترقي ۽ خوشحالي جون دعوائون ته مسلسل ڪيون پيون وڃن، حڪومتي بيانن ۾ معيشت جي بهتري، مهانگائي ۾ گهٽتائي، سيڙپڪاري ۾ واڌ، ترقياتي منصوبن ۽ معاشي استحڪام جون ڳالهيون ٻڌڻ ۾ اچن ٿيون، پر ٻئي پاسي ملڪ جي عام ماڻهوءَ جي زندگي ڏينهون ڏينهن ڏکي ٿيندي پئي وڃي. هڪ طرف ترقيءَ جا خواب ڏيکاريا وڃن ٿا ته ٻي طرف عوام لاءِ ٻه ويلا ماني، ٻارن جي تعليم، علاج، بجلي، گئس ۽ گهرجو خرچ پورو ڪرڻ به وڏو مسئلو بڻجي ويو آهي. ملڪ جي معاشي صورتحال بابت عالمي بينڪ جي تازي رپورٽ پڻ ڪيترائي سوال اٿاري ڇڏيا آهن، جنهن موجب پاڪستان جو پرڏيهي قرض گذريل ڏهن سالن دوران لڳ ڀڳ ٻيڻو ٿي 135.107 ارب ڊالر تائين پهچي ويو آهي. رپورٽ مطابق 2015ع ۾ ملڪ جو پرڏيهي قرض 68.67 ارب ڊالر هو، جيڪو 2025ع ۾ وڌي 135.107 ارب ڊالر ٿي ويو. پاڪستان تي سرڪاري ۽ سرڪاري ضمانتن هيٺ 107.07 ارب ڊالر، خانگي شعبي تي 17.58 ارب ڊالر ۽ مختصر مدي وارو پرڏيهي قرض 10.45 ارب ڊالر تائين پهچي چڪو آهي. جڏهن ته ايشيائي ترقياتي بينڪ جو به پاڪستان تي 16.83 ارب ڊالر قرض آهي. چين پاران ٻن ارب ڊالرن جي قرض جي واپسي واري مدي ۾ واڌ ۽ آءِ ايم ايف طرفان 2.3 ارب ڊالرن جي نئين رقم جاري ٿيڻ باوجود قرضن جي وڌندڙ بار واري صورتحال ملڪ جي معاشي پاليسين ۽ مالي انتظام بابت سنجيده بحث جي گهرج ڪري ٿي. سوال اهو آهي ته جيڪڏهن ملڪ ۾ ترقي ٿي رهي آهي، معيشت بهتر ٿي رهي آهي ۽ معاشي استحڪام جا هدف حاصل ڪيا پيا وڃن ته پوءِ عوام جي زندگيءَ ۾ ان جا اثر ڇو نظر نٿا اچن؟ معاشي ترقيءَ جو اصل مقصد رڳو انگن اکرن، بجيٽ جي اعلانن، پرڏيهي قرضن ۽ وڏن منصوبن تائين محدود نه هجڻ گهرجي، پر ان جو فائدو عام ماڻهوءَ جي گهر تائين پهچڻ گهرجي. جيڪڏهن قومي معيشت جا انگ اکر بهتر ٿيڻ جون دعوائون ٿينديون رهن، پر مزدور جي پگهار، هاريءَ جي آمدني، پورهيت جي روزگار، ننڍي واپاري جي ڪاروبار ۽ وچولي طبقي جي خريداري جي سگهه ۾ بهتري نه اچي ته اهڙي ترقيءَ جا ثمر عوام تائين پهچڻ جو سوال ضرور پيدا ٿيندو. اڄ عام ماڻهوءَ لاءِ سڀ کان وڏو مسئلو آمدني ۽ خرچن وچ ۾ وڌندڙ فرق آهي. کاڌي پيتي جي شين، بجلي، گئس، پيٽرول، علاج، تعليم، ٽرانسپورٽ ۽ رهائش جا خرچ مسلسل گهريلو بجيٽ تي بار بڻيل آهن. گهٽ آمدني وارا خاندان پنهنجي بنيادي ضرورتن ۾ ڪٽوتي ڪرڻ تي مجبور آهن. جڏهن ته وچولو طبقو به پنهنجي اڳوڻي زندگيءَ جو معيار برقرار رکڻ لاءِ پريشان آهي. بيروزگاري ۽ روزگار جا محدود موقعا نوجوانن جي مستقبل بابت خدشا وڌائي رهيا آهن. اهڙي صورتحال ۾ معاشي ترقيءَ جي دعوائن کي عوام جي حقيقي حالتن جي ڪسوٽيءَ تي پرکڻ ضروري آهي. ملڪ جي وڌندڙ پرڏيهي قرضن جو معاملو به رڳو هڪ معاشي انگ نه، پر ايندڙ نسلن جي مستقبل لاءِ اهم سوال آهي. جڏهن ملڪ جا مالي وسيلا قرضن جي وياج ۽ واپسيءَ جي ذميوارين ۾ خرچ ٿيندا ته تعليم، صحت، زراعت، صنعت، روزگار ۽ بنيادي سهولتن لاءِ گهربل رقم جي فراهمي وڌيڪ ڏکي ٿي سگهي ٿي. قرض وٺڻ بذات خود ڪنهن ملڪ لاءِ غيرمعمولي ڳالهه ناهي، دنيا جا ڪيترائي ملڪ ترقياتي منصوبن ۽ معاشي ضرورتن لاءِ قرض حاصل ڪندا آهن. پر اصل سوال اهو آهي ته قرض ڪهڙن مقصدن لاءِ ورتو ويو هو، ان مان ملڪ کي ڪيترو فائدو مليو ۽ ان جي واپسيءَ لاءِ ڪهڙي مستقل معاشي حڪمت عملي اختيار ڪئي وئي آهي. جيڪڏهن قرضن جو استعمال پيداواري شعبن، صنعتن، زراعت، توانائي، تعليم ۽ روزگار جي موقعن ۾ واڌ بدران رڳو پراڻن قرضن جي ادائيگين ۽ روزمره جي خرچن کي پورو ڪرڻ لاءِ ٿيندو ته قرضن جو دائرو وڌندو رهندو ۽ ملڪ معاشي طور خودمختياري حاصل ڪرڻ بدران وڌيڪ پاڙيندڙ بڻجندو. حڪومتن کي گهرجي ته پرڏيهي قرضن جي استعمال، شرطن، واپسيءَ جي منصوبابندي ۽ انهن مان حاصل ٿيندڙ نتيجن بابت عوام کي واضح طور آگاهه ڪن. اسان وٽ هڪ وڏو مسئلو اهو به رهيو آهي ته حڪومتن جي تبديليءَ سان معاشي پاليسين جا رخ به تبديل ٿيندا رهن ٿا. هر نئين حڪومت اڳوڻي حڪومت جي پاليسين تي تنقيد ڪندي پنهنجي ڪاميابين جا اعلان ڪري ٿي، پر عام ماڻهوءَ جي بنيادي مسئلن جي حل لاءِ ڊگهي مدي واري گڏيل حڪمت عملي نظر نٿي اچي. سياسي اختلاف، اقتدار جي ڇڪتاڻ ۽ هڪ ٻئي تي الزام تراشيءَ ۾ ملڪ جا اهم معاشي مسئلا پوئتي رهجي وڃن ٿا. حڪومت ۽ مخالف ڌر ٻنهي کي اهو سمجهڻ گهرجي ته معاشي بحران ڪنهن هڪ جماعت يا حڪومت جو مسئلو ناهي، پر سڄي ملڪ ۽ ان جي عوام جو مسئلو آهي. قومي معيشت جي بهتريءَ لاءِ سياسي استحڪام، پاليسين ۾ تسلسل، شفافيت، قانون جي حڪمراني ۽ ادارن جي ذميوارانه ڪارڪردگي ضروري آهي. ان سان گڏ ٽيڪس نظام کي منصفاڻو بڻائڻ، ٽيڪس جو بار رڳو پگهاردار ۽ وچولي طبقي تي وجهڻ بدران ٽيڪس نيٽ کي وسيع ڪرڻ، سرڪاري خرچن ۾ غيرضروري ڪٽوتي، ڪرپشن جي روڪٿام ۽ قومي وسيلن جي بهتر استعمال کي يقيني بڻائڻو پوندو، ملڪ جي معيشت کي مضبوط ڪرڻ لاءِ رڳو قرضن، امدادي پيڪيجز ۽ ٻاهرين مالي سهڪار تي ڀاڙڻ بدران پنهنجي پيداواري صلاحيت وڌائڻ ضروري آهي. زراعت کي جديد بڻائي هارين کي پاڻي، ٻج، ڀاڻ، مناسب اگهه ۽ مارڪيٽ تائين رسائي فراهم ڪرڻ گهرجي. صنعتن کي سهولتون ڏئي روزگار جا نوان موقعا پيدا ڪرڻ، ننڍن ڪاروبارن کي هٿي ڏيڻ، برآمدات وڌائڻ ۽ توانائيءَ جي شعبي ۾ اهڙيون پاليسيون اختيار ڪرڻ گهرجن. جن سان بجلي ۽ گئس جا اگهه عام ماڻهن ۽ ڪاروباري ادارن جي پهچ ۾ رهن. ساڳئي وقت تعليم ۽ صحت تي خرچ کي قومي ترقيءَ ۾ سيڙپڪاري سمجهڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته تعليم يافته، صحتمند ۽ روزگار سان لاڳاپيل آبادي ئي ملڪ جي معاشي ترقيءَ جو بنياد بڻجي سگهي ٿي. حڪومت کي اهو به سمجهڻ گهرجي ته ترقيءَ جو مطلب رڳو وڏيون عمارتون، روڊ، پل، افتتاحي تقريبون ۽ منصوبن جا اعلان ناهن، پر ترقي تڏهن حقيقي معنيٰ اختيار ڪري ٿي، جڏهن ڪنهن غريب خاندان جو ٻار بنا مالي پريشانيءَ جي تعليم حاصل ڪري سگهي، بيمار ماڻهوءَ کي پئسن جي کوٽ سبب علاج کان محروم نه رهڻو پوي، نوجوان کي روزگار ملي، هاريءَ کي پنهنجي فصل جو مناسب اگهه ملي، مزدور جي پگهار مان سندس گهرجو خرچ پورو ٿي سگهي ۽ عام شهريءَ کي صاف پاڻي، بجلي، گئس ۽ ٻيون بنيادي سهولتون مناسب اگهن تي دستياب هجن. جيڪڏهن ملڪ جا معاشي انگ اکر بهتر ٿيڻ جون دعوائون ٿينديون رهن، پر عوام جي گهرن ۾ مهانگائي، بيروزگاري ۽ معاشي تنگيءَ جو راڄ هجي ته پوءِ انهن دعوائن ۽ عوامي زندگيءَ جي حقيقتن وچ ۾ موجود فرق کي ختم ڪرڻ ضروري آهي. اڄ پاڪستان کي اهڙي معاشي حڪمت عمليءَ جي ضرورت آهي، جيڪا رڳو حڪومتي مدي يا سياسي فائدي کي سامهون رکي نه ٺاهي وڃي، پر ايندڙ نسلن جي مستقبل کي نظر ۾ رکي تيار ڪئي وڃي. عالمي بينڪ جي رپورٽ ۾ ظاهر ٿيل 135 ارب ڊالرن کان وڌيڪ پرڏيهي قرض ملڪ جي معاشي انتظام، پاليسين ۽ مستقبل جي منصوبابنديءَ بابت سنجيده غور ڪرڻ جو تقاضو ڪري ٿو. حڪمرانن کي عوام آڏو رڳو ترقيءَ جون دعوائون ڪرڻ بدران اهو به ٻڌائڻ گهرجي ته قرضن جو وڌندڙ بار ڪيئن گهٽايو ويندو، روزگار جا موقعا ڪيئن پيدا ٿيندا، مهانگائيءَ کان عوام کي ڪيئن تحفظ ڏنو ويندو ۽ عام ماڻهوءَ جي آمدنيءَ ۾ حقيقي واڌ لاءِ ڪهڙا قدم کنيا ويندا. ملڪ جي ترقيءَ جو فيصلو حڪومتي بيانن يا انگن سان گڏ عوام جي زندگيءَ ۾ ايندڙ تبديليءَ مان ٿيندو. ڇاڪاڻ ته جنهن ترقيءَ ۾ عوام کي ساهه کڻڻ جيتري آساني به نصيب نه ٿئي، اها ترقي پنهنجو بنيادي مقصد تڏهن ئي حاصل ڪري سگهندي، جڏهن ان جا ثمر عام ماڻهوءَ تائين پهچندا. پاڪستان کي قرضن جي سهاري هلندڙ معيشت بدران پنهنجي وسيلن، پيداواري صلاحيت ۽ عوام جي خوشحاليءَ تي ٻڌل معيشت بڻائڻو پوندو.

وزيراعظم جا بيان، عوام جا سوال؛ واعدن تي عمل ڪڏهن ٿيندو؟

غلام مصطفيٰ جمالي

ملڪ جي سياسي منظرنامي ۾ بيانن، اعلانن ۽ واعدن جي ڪا کوٽ نظر نٿي اچي. هر روز حڪومتي ايوانن مان عوام جي خوشحالي، ملڪ جي ترقي، معاشي استحڪام ۽ روشن مستقبل بابت نوان پيغام سامهون اچن ٿا. وزيراعظم کان وٺي وفاقي وزيرن تائين هر ماڻهو ملڪ جي بهتريءَ جون ڳالهيون ڪندي نظر اچي ٿو، پر اصل سوال اهو آهي ته انهن بيانن جو عام ماڻهوءَ جي زندگيءَ تي ڪهڙو اثر پيو آهي؟ ڇا عوام جي بک، بيروزگاري، مهانگائي ۽ معاشي پريشانين جو خاتمو رڳو تقريرن سان ممڪن آهي؟ يا ان لاءِ عملي قدم کڻڻ به ضروري آهن؟

وزيراعظم جڏهن به عوام سان مخاطب ٿئي ٿو ته ملڪ جي ترقي، معيشت جي بهتري، سيڙپڪاريءَ ۾ واڌ ۽ عوام کي رليف ڏيڻ بابت اميدون ظاهر ڪيون وڃن ٿيون. حڪومت طرفان دعويٰ ڪئي وڃي ٿي ته ملڪ ڏکي معاشي صورتحال مان نڪري رهيو آهي ۽ جلد عوام کي خوشخبري ملندي. پر عام ماڻهوءَ جو سوال اهو آهي ته اها خوشخبري آخر ڪڏهن سندس گهر جي دروازي تائين پهچندي؟ ڇاڪاڻ ته هڪ طرف حڪومتي بيانن ۾ معاشي بهتريءَ جون دعوائون آهن ته ٻئي طرف عام ماڻهوءَ جي زندگيءَ ۾ مشڪلاتون گهٽجڻ بدران وڌنديون نظر اچن ٿيون.

اڄ پاڪستان جو عام شهري پنهنجي روزاني ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ سخت پريشان آهي. ڪنهن کي ٻارن جي اسڪولن جون فيسون ادا ڪرڻيون آهن، ڪنهن کي گهرجو ڪرايو ڏيڻو آهي، ڪنهن کي بجليءَ جو بل ڀرڻو آهي ته ڪنهن کي بيمار گهر ڀاتيءَ جي علاج لاءِ پئسا گڏ ڪرڻا آهن. هڪ عام پگهاردار ماڻهوءَ لاءِ مهيني جي آمدنيءَ مان گهر جو خرچ هلائڻ ڏينهون ڏينهن ڏکيو ٿيندو پيو وڃي. جڏهن ته مزدور ۽ ڏهاڙي تي ڪم ڪندڙ ماڻهوءَ لاءِ صورتحال اڃا وڌيڪ ڏکي آهي، ڇاڪاڻ ته روزگار ملڻ جي به ڪا پڪ ناهي.

حڪومت جيڪڏهن واقعي ملڪ جي معاشي صورتحال بهتر ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي رهي آهي ته ان بهتريءَ جا اثر سڀ کان پهرين غريب ۽ وچولي طبقي تائين پهچڻ گهرجن. معاشي ترقيءَ جو مطلب رڳو سرڪاري انگن اکرن ۾ واڌ يا عالمي ادارن جي رپورٽن ۾ بهتر درجو حاصل ڪرڻ ناهي، پر حقيقي ترقي اها آهي، جنهن سان عام ماڻهوءَ جي خريداريءَ جي سگهه وڌي، روزگار جا موقعا پيدا ٿين، بنيادي ضرورتن جون شيون سستيون ٿين ۽ عوام کي پنهنجي زندگي عزت ۽ سڪون سان گذارڻ جو موقعو ملي.

اسان جي ملڪ ۾ هڪ وڏو مسئلو اهو به رهيو آهي ته حڪومتون تبديل ٿينديون رهن ٿيون، پر عوام جا بنيادي مسئلا ساڳيا رهندا آهن. چونڊن کان اڳ عوام کي وڏا خواب ڏيکاريا ويندا آهن. سياسي اڳواڻ جلسن ۾ خوشحاليءَ جا واعدا ڪندا آهن، نوجوانن کي روزگار ڏيڻ جون ڳالهيون ڪندا آهن ۽ غريبن جي زندگي تبديل ڪرڻ جا اعلان ڪندا آهن. پر اقتدار ۾ اچڻ کان پوءِ انهن واعدن تي عمل جي رفتار ايتري سست ٿي ويندي آهي جو عوام جو اعتماد آهستي آهستي ختم ٿيڻ لڳندو آهي.

وزيراعظم ۽ سندس ڪابينا کي اهو سمجهڻ گهرجي ته عوام هاڻي رڳو اعلان ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي. عوام کي نتيجا گهرجن. جيڪڏهن حڪومت مهانگائي گهٽائڻ جو اعلان ڪري ٿي ته ان لاءِ واضح پاليسي سامهون اچڻ گهرجي. جيڪڏهن بيروزگاري ختم ڪرڻ جي ڳالهه ڪئي وڃي ٿي ته نوجوانن لاءِ روزگار جا حقيقي موقعا پيدا ڪرڻ گهرجن. جيڪڏهن بجليءَ جي بلن ۾ رليف ڏيڻ جو واعدو ڪيو وڃي ٿو ته ان تي عملي طور عمل ٿيڻ گهرجي. عوام کي اهڙا منصوبا نه گهرجن، جيڪي رڳو ڪاغذن ۽ تقريرن تائين محدود رهن.

ملڪ جي نوجوانن جي صورتحال به حڪومت لاءِ هڪ اهم سوال آهي. هزارين نوجوان اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ باوجود بيروزگار آهن. ڪيترائي نوجوان پنهنجي ملڪ ۾ روزگار جا موقعا نه ملڻ سبب ٻاهرين ملڪن ڏانهن وڃڻ تي مجبور آهن. ڪنهن خاندان پنهنجي ٻار جي تعليم لاءِ سالن تائين محنت ڪئي هوندي، پر جڏهن اهو نوجوان ڊگري حاصل ڪري روزگار جي تلاش ۾ در در وڃي ٿو ته ان جي مايوسي رڳو ان جي ذاتي ناڪامي ناهي، پر اها ملڪ جي معاشي نظام لاءِ به هڪ وڏو سوال آهي. حڪومت کي گهرجي ته نوجوانن کي روزگار، فني تربيت ۽ ڪاروبار شروع ڪرڻ لاءِ آسان سهولتون فراهم ڪري.

تعليم ۽ صحت جا شعبا به خاص ڌيان جا گهرجائو آهن. سرڪاري اسڪولن ۾ سهولتن جي کوٽ، استادن جي غيرحاضري، اسپتالن ۾ دوائن جي اڻهوند ۽ علاج جي وڌندڙ خرچن سبب غريب خاندان سخت پريشان آهن. هڪ طرف خانگي تعليم ۽ علاج عام ماڻهوءَ جي وس کان ٻاهر ٿيندا پيا وڃن، ته ٻئي طرف سرڪاري ادارن ۾ بهتريءَ جي ضرورت موجود آهي. حڪومت جي اصل ذميواري اها آهي ته هر شهريءَ کي بنا ڪنهن فرق جي معياري تعليم ۽ علاج جون سهولتون فراهم ڪري.

هڪ ٻيو اهم مسئلو مهانگائيءَ سان گڏ ذخيره اندوزي ۽ ناجائز منافعي خوريءَ جو آهي. بازارن ۾ عام استعمال جون شيون جڏهن مهانگيون ٿين ٿيون ته سڀ کان وڌيڪ اثر غريب خاندانن تي پوي ٿو. انتظاميا ۽ لاڳاپيل ادارن کي گهرجي ته مارڪيٽن ۾ قيمتن جي نگراني ڪن ۽ قانون جي ڀڃڪڙي ڪندڙن خلاف بنا ڪنهن سياسي دٻاءَ جي ڪارروائي ڪن. رڳو مهانگائيءَ خلاف اجلاس گهرائڻ يا نوٽيس وٺڻ سان مسئلو حل نه ٿيندو، پر ان لاءِ مسلسل نگراني ۽ اثرائتا قدم کڻڻ ضروري آهن.

حڪومت کي پنهنجي ڪارڪردگيءَ بابت عوام آڏو جوابده به هجڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪنهن منصوبي جو اعلان ڪيو وڃي ٿو ته ان جي شروعات ۽ مڪمل ٿيڻ جو وقت ٻڌايو وڃي. عوام کي اهو به ٻڌايو وڃي ته منصوبي لاءِ ڪيترا وسيلا رکيا ويا آهن ۽ ان مان ڪيترا ماڻهو فائدو حاصل ڪندا. اهڙي شفافيت سان نه رڳو حڪومتي ڪارڪردگيءَ ۾ بهتري ايندي، پر عوام جو اعتماد به بحال ٿي سگهندو.

ملڪ کي سياسي اختلافن کان مٿانهون ٿي قومي مسئلن تي گڏيل حڪمت عمليءَ جي ضرورت آهي. حڪومت ۽ مخالف ڌر جو سياسي مقابلو پنهنجي جاءِ تي، پر عوام جي بنيادي ضرورتن، معيشت جي بحالي، تعليم، صحت ۽ روزگار جهڙن معاملن تي سڀني کي گڏجي سوچڻ گهرجي. سياسي ڇڪتاڻ ۾ جيڪڏهن عوام جا مسئلا پوئتي رهجي وڃن ته ان جو نقصان سڄي ملڪ کي برداشت ڪرڻو پوندو. جمهوريت جو اصل حسن اهو آهي ته اختلافن باوجود قومي مفادن کي ترجيح ڏني وڃي.

وزيراعظم لاءِ به هي وقت هڪ اهم امتحان آهي. کيس پنهنجي بيانن ۽ عملي ڪارڪردگيءَ ۾ فرق گهٽائڻو پوندو. عوام سان ڪيل واعدن جو حساب پيش ڪرڻو پوندو ۽ اهو ثابت ڪرڻو پوندو ته حڪومت جون پاليسيون رڳو اقتدار برقرار رکڻ لاءِ نه، پر ملڪ ۽ عوام جي بهتريءَ لاءِ آهن. حڪومت کي اهو به ياد رکڻ گهرجي ته عوام جي صبر کي ڪمزوري نه سمجهيو وڃي. ماڻهو پنهنجن مسئلن باوجود ملڪ جي استحڪام ۽ بهتريءَ جي اميد رکندا آهن. پر اها اميد تڏهن برقرار رهندي، جڏهن کين عملي تبديلي نظر ايندي.

اڄ پاڪستان کي اهڙي قيادت جي ضرورت آهي، جيڪا رڳو تقريرن ذريعي عوام کي مطمئن ڪرڻ بدران پنهنجي عمل سان اعتماد پيدا ڪري. ملڪ جي ترقيءَ لاءِ سياسي استحڪام، مضبوط معيشت، قانون جي حڪمراني ۽ ادارن جي بهتر ڪارڪردگي ضروري آهي. انهن مقصدن لاءِ مستقل پاليسيون ٺاهڻيون پونديون، ڇو ته هر نئين حڪومت سان پاليسين جي تبديلي ملڪ جي معاشي رفتار کي متاثر ڪري ٿي. آخر ۾ وزيراعظم ۽ حڪومتي ذميوارن کان عوام جو هڪ ئي سوال آهي ته جيڪي واعدا ڪيا ويا، انهن تي عمل ڪڏهن ٿيندو؟ مهانگائيءَ کان ڇوٽڪارو ڪڏهن ملندو؟ نوجوانن کي روزگار ڪڏهن نصيب ٿيندو؟ بجليءَ جا بل عام ماڻهوءَ جي پهچ ۾ ڪڏهن ايندا؟ ۽ غريب خاندان کي پنهنجي ٻارن جي مستقبل بابت اطمينان ڪڏهن حاصل ٿيندو؟عوام کي هاڻي نون اعلانن، وڏين تقريرن ۽ مستقبل جي خوشخبريءَ بدران موجوده حالتن ۾ بهتري گهرجي. حڪومت ياد رکي ته ملڪ جي ڪاميابيءَ جو اصل معيار حڪومتي بيان نه، پر عوام جي چهري تي ايندڙ خوشي آهي. تاريخ ۾ نالا تقريرن ۽ دعوائن سان نه، پر عملي ڪمن، عوامي خدمت ۽ ڏکئي وقت ۾ عوام سان گڏ بيهڻ سان زنده رهندا آهن.

ملير ۾ پوليس ۽ انتظاميا جي ڪارڪردگي تي سنجيده سوال!

سامي ميمڻ

ڪراچي جي ضلعي ملير ۾ امن امان جي صورتحال ڏينهون ڏينهن ڳڻتي جوڳي ٿيندي پئي وڃي. هڪ پاسي اسٽريٽ ڪرائم، ڦر، چوري ۽ هٿياربند وارداتن شهرين جي زندگي عذاب بڻائي ڇڏي آهي ته ٻئي پاسي گهرن اندر گهڙي فائرنگ ڪري عورتن، مردن ۽ معصوم ٻارن کي نشانو بڻائڻ جا واقعا انساني ضمير کي جنجهوڙي رهيا آهن. گهر، جيڪو هر انسان لاءِ تحفظ، سڪون ۽ پناهه جي علامت هوندو آهي، اڄ ملير جي ڪيترن ئي علائقن ۾ خوف ۽ بي يقيني جو هنڌ بڻجي ويو آهي. سوال اهو آهي ته جڏهن ماڻهو پنهنجي گهرن ۾ به محفوظ ناهن ته پوءِ کين تحفظ ڪير ڏيندو؟گذريل ڪجهه مهينن دوران ملير جي مختلف علائقن ۾ پيش آيل واقعن تي نظر وجهجي ته امن امان جي صورتحال بابت ڪيترائي اهم سوال پيدا ٿين ٿا.

9 سيپٽمبر 2026ع، شاهه ٽائون، صابو گبول ڳوٺ بن قاسم ٿاڻي جي حد ۾ گهر اندر فائرنگ ڪري نجيب الله کي قتل ڪيو ويو واقعي وقت سندس گهرواري نغمه پڻ گهر ۾ موجود هئي. پوليس جاچ ڪانپوءِ مقتول جي سالي نور اڪبر کي مک جوابدار قرار ڏئي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي. 9 آڪٽوبر تي پوليس گرفتاري ۽ ڪيس جي جاچ بابت تفصيل جاري ڪيا. اهو واقعو ظاهر ڪري ٿو ته گهرن اندر ٿيندڙ تشدد ۽ قتل جا واقعا ڪيترا خطرناڪ ٿي سگهن ٿا.13 آڪٽوبر 2026ع، گلشنِ فلڪ ناز، بن قاسم هڪ گهر مان هڪ ئي خاندان جي پنجن ڀاتين جا لاش هٿ آيا جن ۾ شهريار، سندس گهرواري صبا، ٻه ننڍيون نياڻيون ايزل ۽ آريا ۽ سندس ڀيڻ شمائلا شامل هئا. پوليس موجب گهر اندر کان بند هو، شهريار ۽ سندس گهرواري کي مٿي ۾ گوليون لڳل هيون، جڏهن ته ٻين ٽن ڄڻن جي موت جا سبب فرانزڪ جاچ لاءِ محفوظ رکيا ويا. واقعي بابت قتل يا اجتماعي خودڪشي سميت مختلف رخن کان جاچ جو ذڪر ٿيو. هن سانحي انساني زندگي، معاشي پريشانين ۽ خانداني تحفظ بابت به ڪيترائي سوال اٿاريا.

2 نومبر 2026ع، فقيره ڳوٺ سپرهاءِ وي هڪ گهر اندر فائرنگ جي نتيجي ۾ 23 ورهين جو مهر علي ۽ 22 ورهين جي شادي شده عورت جميله قتل ٿي ويا. پوليس شروعاتي طور واقعي کي مبينا غيرت جي نالي تي قتل قرار ڏنو ۽ عورت جي ويجهن مائٽن جي ملوث هجڻ جو شڪ ظاهر ڪيو. واقعي جو ڪيس قتل ۽ گڏيل ارادي جي قلمن تحت داخل ٿيڻ جون خبرون پڻ سامهون آيون. 5 نومبر 2026ع، گلشنِ حديد فيز 2 ملير جي تاريخ جي انتهائي ڏکوئيندڙ واقعن مان هڪ ۾ موٽرسائيڪل سوار هٿياربند جوابدار اسٽيل ٽائون ٿاڻي جي حد ۾ هڪ گهر اندر داخل ٿيا ۽ فائرنگ ڪري 45 ورهين جي سميه ۽ سندس 16 ورهين جي نياڻي بختاور کي قتل ڪري ڇڏيو، جڏهن ته 12 ورهين جو پٽ زيد علي زخمي ٿي پيو. زخمي ٻار جي بيان موجب فائرنگ وقت هو ٻئي ڪمري ۾ موجود هو، ٻاهر نڪرڻ تي پنهنجي ماءُ کي زخمي حالت ۾ ڏٺائين، جڏهن ته جوابدارن کيس به هٿيار سان مٿي ۾ ڌڪ هنيو. پوليس واقعي واري هنڌ تان 30 بور پستول جا چار خول هٿ ڪري جاچ شروع ڪئي ۽ شروعاتي طور ذاتي دشمني جو امڪان ظاهر ڪيو. سنڌ جي گهرو وزير واقعي جو نوٽيس وٺي ايس ايس پي ملير کان رپورٽ پڻ طلب ڪئي اهي واقعا رڳو اخباري سرخيون ناهن، پر انهن جي پويان اجڙيل گهر، يتيم ٿيندڙ ٻار، بي سهارا عورتون ۽ خوف ۾ مبتلا خاندان موجود آهن. هر قتل ڪانپوءِ پوليس جاچ، جوابدارن جي ڳولا ۽ ڪارروائي جا اعلان ته ٿين ٿا، پر عوام جو اصل سوال اهو آهي ته ڇا ڏوهارين کي روڪڻ لاءِ اڳواٽ اثرائتا قدم کنيا پيا وڃن؟ ڇا جوابدارن کي گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويو آهي؟ ڇا متاثر خاندانن کي تحفظ ۽ انصاف مليو آهي؟ملير جي شهرين کي اهو حق حاصل آهي ته هو بنا خوف جي پنهنجي گهرن ۾ رهن، ٻار اسڪول وڃن، عورتون پنهنجي روزمره جي زندگي گذارين ۽ بزرگ امن سان زندگي جا ڏينهن گذارين. آئين پاڪستان جو آرٽيڪل 9 هر شهري جي زندگي ۽ آزادي جي تحفظ جي ضمانت ڏئي ٿو، جڏهن ته آرٽيڪل 14 انساني وقار ۽ گهرجي رازداري کي تحفظ فراهم ڪري ٿو. اهڙيءَ ريت شهرين جي جان، عزت ۽ گهرن جي سلامتي يقيني بڻائڻ رياست ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي بنيادي ذميواري آهي. پوليس ۽ انتظاميا لاءِ هاڻي عملي قدم کڻڻ جو وقت آهي.✻✻ ايس ايس پي ملير، ڊي آءِ جي ايسٽ، ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي ۽ آءِ جي سنڌ کي گهرجي ته تازن قتلن ۽ هٿياربند وارداتن جي الڳ الڳ ۽ گڏيل بنيادن تي نگراني ڪن، هر ڪيس جي جاچ ۾ اڳڀرائي عوام آڏو آڻين، جوابدارن کي گرفتار ڪن ۽ متاثر خاندانن کي تحفظ فراهم ڪن. خاص طور تي اسٽيل ٽائون، بن قاسم، شاهه ٽائون، ڀيري، ميمڻ ڳوٺ، فقيره ڳوٺ ۽ گلشنِ حديد ۾ پوليس گشت وڌايو وڃي، حساس هنڌن تي سي سي ٽي وي ڪئميرائون لڳايون وڃن، رات جي وقت پوليس پيٽرولنگ کي اثرائتو بڻايو وڃي ۽ غيرقانوني هٿيارن خلاف بنا ڪنهن فرق جي ڪارروائي ڪئي وڃي.

ان کان علاوه، هر قتل واري ڪيس ۾ فرانزڪ جاچ، موبائل فون رڪارڊ، سي سي ٽي وي فوٽيج، شاهدن جا بيان ۽ واقعي جي پسمنظر کي سائنسي بنيادن تي جاچڻ لازمي آهي. رڳو ڪيس داخل ڪرڻ يا جاچ ٽيمون جوڙڻ ڪافي ناهي، پر جاچ جي نتيجن ۽ جوابدارن جي گرفتاري بابت به عوام کي آگاهه ڪرڻ گهرجي. پوليس جي ڪارڪردگي جو جائزو رڳو اعلانن سان نه، پر ڏوهن جي روڪٿام ۽ متاثرن کي انصاف ملڻ سان ٿيڻ گهرجي ملير ضلعي جي چونڊيل نمائندن، سياسي ۽ سماجي اڳواڻن، سول سوسائٽي ۽ صحافتي تنظيمن کي به خاموش تماشائي بڻجڻ بدران شهرين جي تحفظ لاءِ گڏيل آواز اٿارڻ گهرجي. عوام جي جان ۽ مال جو تحفظ ڪنهن سياسي جماعت، ذات، برادري يا علائقي جو نه، پر هر شهري جو بنيادي حق آهي اڄ ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته ملير ۾ امن امان کي رڳو سرڪاري بيانن ۽ هنگامي نوٽيسن تائين محدود نه رکيو وڃي، پر اهڙي مستقل حڪمت عملي جوڙي وڃي، جنهن سان ڏوهارين لاءِ قانون کان بچڻ جا رستا بند ٿين ۽ عام شهري پاڻ کي محفوظ محسوس ڪن.

سنڌ حڪومت، گهرو کاتي ۽ پوليس جي اعليٰ اختيارين کان آهي ته ڇا ملير جا رهواسي پنهنجي گهرن ۾ محفوظ رهڻ جو بنيادي حق به وڃائي ويٺا آهن؟ آخر ڪيتريون مائرون پنهنجي ٻارن آڏو قتل ٿينديون، ڪيتريون نياڻيون يتيم ٿينديون ۽ ڪيترا گهر اجڙندا، تڏهن انتظاميا عملي طور جاڳندي؟

ملير جي عوام کي نوٽيس نه، تحفظ گهرجي بيان نه، نتيجا گهرجن جاچ جا اعلان نه، انصاف گهرجي. ڇاڪاڻ ته امن امان ڪا رعايت ناهي، پر هر شهري جو بنيادي آئيني ۽ انساني حق آهي.

بقايا ✻✻✻ 01

يس پي آر موجب ملاقات ۾ گڏيل دلچسپي جي معاملن ۽ پاڪستان، سوڊان جي وچ ۾ مختلف شعبن ۾ تعاون وڌائڻ جي موقعن جو جائزو ورتو ويو. ملاقات جي دوران ٻنهي طرفان سيڪيورٽي، دهشتگردي جي خاتمي ۽ اداره جاتي تعاون جي شعبن ۾ لاڳاپا وڌيڪ مضبوط بنائڻ جي ارادي جو اظهار ڪيو ويو. آءِ ايس پي آر موجب فيلڊ مارشل سيد عاصم منير گڏيل سيڪيورٽي چيلنجز کي منهن ڏيڻ جي لاءِ ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ ويجهي تعاون ۽ رابطن جي اهميت تي زور ڏنو. هن پاڪستان طرفان سوڊان سان ٻطرفن لاڳاپن ۽ تعاون کي وڌيڪ هٿي ڏيڻ جي ارادي جو به اظهار ڪيو. انهي موقعي تي سوڊان جي گهرو وزير ليفٽيننٽ جنرل بابيڪر سمره مصطفيٰ علي علائقائي امن، استحڪام کي هٿي ڏيڻ ۾ پاڪستان جي ڪردار جي تعريف ڪئي ۽ ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ پراڻن لاڳاپن جي تعريف ڪئي. سوڊاني گهرو وزير پاڪستان ۽ سوڊان جي وچ ۾ مختلف شعبن ۾ تعاون کي وڌيڪ مضبوط بنائڻ جي خواهش جو اظهار ڪيو. ملاقات ۾ انهي ڳالهه تي به اتفاق ڪيو ويو ته سيڪيورٽي دهشتگردي جي خاتمي سميت گڏيل دلچسپي جي شعبن ۾ تعاون کي هٿي ڏيڻ ٻنهي ملڪن جي مفاد ۾ آهي. ياد رهي ته پاڪستان ۽ سوڊان جي وچ ۾ پراڻا پائيدار لاڳاپا قائم آهن ٻئي ملڪ مختلف شعبن ۾ گڏيل تعاون کي وڌيڪ هٿي ڏيڻ جا خواهشمند آهن.

بقايا ✻✻✻ 02

وزير ليفٽيننٽ جنرل بابڪر سمره مصطفيٰ علي ملاقات ڪئي ۽ وفدن جي سطح تي ڳالهيون ڪيون. گهرو وزارت پاران جاري ڪيل بيان موجب ان موقعي تي پاڪستان ۽ سوڊان جي وچ ۾ سيڪيورٽي، اندروني معاملن، سائبر ڪرائم، پوليس ٽريننگ، اداراتي تعاون، نادرا ۽ مختلف شعبن ۾ تعاون وڌائڻ تي اتفاق ڪيو ويو. پاڪستان ۽ سوڊان جي وچ ۾ سائبر ڪرائم جي شعبي ۾ تعاون وڌائڻ لاءِ هڪ مفاهمت جي ياداشت تي صحيح ڪرڻ جو به فيصلو ڪيو ويو. گهرو وزير محسن نقوي ملاقات دوران چيو ته پاڪستان سوڊان ۾ امن ۽ نئين سر تعميرجي عمل ۾ هر قسم جو تعاون فراهم ڪرڻ لاءِ تيار آهي، سوڊان ۾ نادرا جي تعاون سان 3 ڪروڙ 60 لک شهريت ڪارڊز، 90 لک قومي سڃاڻپ ڪارڊز، هڪ ڪروڙ 80 لک پيدائشي ۽ 5 لک فوتي سرٽيفڪيٽ جاري ڪيا ويا. محسن نقوي چيو ته سول رجسٽريشن جي عمل ۾ اڳتي به تعاون لاءِ نادرا هروقت تيار آهي. سوڊاني گهرو وزير جي معلوم ڪرڻ

بقايا ✻✻✻ 03

يفون تي رابطو ڪيو. ٻنهي اڳواڻن حڪومت ۽ جماعت اسلامي جي وچ ۾ ڳالهين جي حوالي سان تفصيلي ڳالهيون ڪيون. لياقت بلوچ موجب حڪومت ۽ جماعت اسلامي جي ڳالهين واري سب ڪميٽي جو اجلاس ٿي چڪو آهي ٽيڪنيڪل ڪميٽي به پنهنجو اجلاس مڪمل ڪري چڪي آهي. هاڻ حڪومت طرفان پيٽروليم ليوي ۽ عوامي رليف جي لاءِ قدمن جو مرحلو آهي. لياقت بلوچ ٻڌايو ته 10 نومبر تي حڪومت ۽ جماعت اسلامي جي سب ڪميٽي جي ڳالهين جو فائنل رائونڊ ٿيندو، اجلاس ڊپٽي وزيراعظم اسحاق ڊار جي ميزباني ۾ پرڏيهي وزارت جي آفيس ۾ منعقد ٿيندو.

بقايا ✻✻✻ 04

اختيارين موجب پاڪستان ۾ هن مهينن جي دوران پوليو جي 40 کان 50 سيڪڙو ڪيسز جو تعلق افغانستان مان نڪتو جڏهن ته پاڪستان ۾ هلندڙ سال پوليو جا 9 ۽ افغانستان ۾ 50 ڪيس رپورٽ ٿي چڪا آهن. اختيارين انهي حوالي سان ٻڌايو آهي ته پاڪستان مان بيدخل شهرين جي غيرقانوني رستن کان پاڪستان واپسي سان پوليو جي پکيڙ جو وڏو خطرو آهي. اختيارين وڌيڪ ٻڌايو ته ضلع خيبر ۾ رپورٽ ٿيندڙ ٽنهي پوليو ڪيسز جو جينياتي تعلق افغانستان سان ثابت ٿيو آهي جڏهن ته پاڪستان ۾ سيوريج جي 29 نمونن ۾ افغانستان مان آيل پوليو وائرس جي تصديق ٿي آهي. انهي کان علاوه افغانستان سان جڙيل پوليو وائرس ڪراچي، جامشورو، راولپنڊي ۽ ملتان تائين پهچي ويو آهي.

بقايا ✻✻✻ 05

وائنٽن تي پوليو ٽيمون مقرر ڪيون وڃن. هن ضلعي انتظاميا کي هدايت ڪئي ته ڪو به ٻار پوليو کان بچاءَ جي ڦڙن کان محروم نه رهي ۽ لڏپلاڻ ڪندڙ خاندانن جي هر ٻار کي پوليو جا ڦڙا پيارڻ يقيني بڻايا وڃن. آصف حيدر شاهه چيو ته ڊپٽي ڪمشنر ٽرانزٽ پوائنٽن تي پوليو ٽيمن جي موجودگيءَ جو پاڻ جائزو وٺن ۽ مسافرن جي اچ وڃ وارن وقتن ۾ ٽيمن جي موجودگي يقيني بڻائين. هن چيو ته صحت، ٽرانسپورٽ ۽ ريلوي کاتن جا عملدار ٻارن جي ويڪسينيشن لاءِ پاڻ ۾ اثرائتو رابطو قائم ڪن. جڏهن ته عارضي رهائشگاهن ۾ موجود ٻارن تائين به پوليو ٽيمون پهچن. چيف سيڪريٽري سنڌ هدايت ڪئي ته ويڪسين کان رهجي ويل ٻارن جي نشاندهي ڪري کين فوري طور پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارايا وڃن.

بقايا ✻✻✻ 06

حافين سان ڳالهين ۾ فيصل ڪريم ڪنڊي چيو ته مولانا فضل الرحمان کي هاڻ رد ٿيل ماڻهو ياد آيا آهن. جڏهن انهي جي حڪومت هئي ته اوهان ڪنهن کي گورنر لڳايو؟ مولانا کي اڄ حڪومت ۾ حصو ناهي مليو انهي ڪري اعتراض ڪري رهيا آهن. خيبرپختونخواهه جي گورنر چيو ته مان مولانا فضل الرحمان کي چوڻ چاهيان ٿو ته ڪڏهن ثواب جي خاطر به روزا رکي وٺندا ڪريو مولانا چوي ٿو ته مون کان سواءِ حڪومت نٿي هلي سگهي، جيڪڏهن حڪومت ٽٽجي به وئي ته هلي نٿي سگهي، پر هن پيپري اوهان کان سواءِ حڪومت ٽٽجي به وئي ۽ هلي به رهي آهي. فضل الرحمان کي حصو ناهي مليو انهي ڪري اهو سخت ناراض آهي. خيبرپختونخواهه جي گورنر چيو ته پوليو ورڪز تي حملا روڪڻ لاءِ به ڪم ڪري رهيا آهيون. ڪنهن کي معاف نه ڪيو ويندو، دهشتگردي کي ختم ڪرڻ لاءِ انٽيليجنس بيسڊ آپريشنز ٿي رهيا آهن. صوبي ۾ دهشتگردي جي واقعن ۾ گهٽتائي ايندي. آخري دهشتگرد جي خاتمي تائين جدوجهد جاري رکنداسين.

بقايا ✻✻✻ 07

به جاري ڪري ڇڏيو آهي. جنهن موجب بجلي جي اگهن ۾ واڌ سيپٽمبر 2026ع جي ماهوار فيول پرائس ايڊجسٽمينٽ جي مد ۾ ڪئي وئي آهي. نوٽيفڪيشن موجب، نوان اگهه نومبر جي بلن ۾ لاڳو ٿيندا، ماهوار ايڊجسٽمينٽ کي اليڪٽرڪ جي واهپيدارن تي به لاڳو هوندي، واضح رهي ته سينٽرل پاور پرچيزنگ ايجنسي (سي پي پي اي) سيپٽمبر جي فيول پرائس ايڊجسٽمينٽ تحت بجلي 2 رپيا 56 پيسا في يونٽ مهانگي ڪرڻ جي درخواست ڪئي هئي، جنهن جي پيٽ ۾ نيپرا 2 رپيا 37 پيسا في يونٽ واڌ جي منظوري ڏني آهي.

بقايا ✻✻✻ 08

پابندين لاڳو ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. آمريڪي اختيارين موجب، ايڪسچينج تي 16 ارب ڊالرن جي مبينا غيرقانوني مالي ڏيتي ليتي ۽ ايران، اتر ڪوريا ۽ روس کي عالمي پابندين کان بچڻ ۾ مدد فراهم ڪرڻ جا الزام آهن. آمريڪي ناڻي کاتي واري وزير اسڪاٽ بيسنٽ چيو آهي ته ڊجيٽل اثاثن ذريعي عالمي پابندين کان بچڻ جي ڪوشش خلاف سخت ڪارروائي جاري رکي ويندي. آمريڪي اختيارين جو چوڻ آهي ته مالي نظام جي غلط استعمال ۽ پابندين کان بچڻ لاءِ ڪرپٽو ڪرنسي جي استعمال کي روڪڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن.

بقايا ✻✻✻ 09

ڪمپنين جي دلچسپي ۾ واڌ ٿي رهي آهي، ملڪ ۾ هن وقت تائين 6 ڪمپنيون سيڪيورٽيز اينڊ ايڪسچينج ڪميشن آف پاڪستان (ايس اي سي پي) ۾ رجسٽرڊ ٿي چڪيون آهن. ايس اي سي پي موجب، ڪمپني جي رجسٽريشن جو مطلب اهو ناهي ته ان کي انٽرنيٽ سروس شروع ڪرڻ جي اجازت ملي وئي آهي. سروس فراهم ڪرڻ لاءِ پاڪستان اسپيس ايڪٽيويٽيز ريگيوليٽري بورڊ (پي ايس اي آر بي) کان اين او سي ۽ پاڪستان ٽيلي ڪميونيڪيشن اٿارٽي (پي ٽي اي) کان لائسنس حاصل ڪرڻ لازمي آهي. ذريعن موجب، اسٽارلنڪ، گليڪسي اسپيس ۽ اسپيس سيل پاڪستان جي پرڏيهي ڊائريڪٽرن ۽ شيئر هولڊرز جي سيڪيورٽي ڪليئرنس جو معاملو وزارت داخلا وٽ اڃا تائين التوا هيٺ آهي.

بقايا ✻✻✻ 10

ڪ جي ڌاڙي واري واقعي جي جاچ ۾ اهم اڳڀرائي ٿي آهي، پوليس ٽن جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ ڪندي وارادات ۾ ڪل پنج ڄڻن جي ملوث هجڻ جو شڪ ظاهر ڪيو آهي. ايس ايس پي لسبيلو نجيب الله پندراڻي پريس ڪانفرنس ڪندي ٻڌايو ته فيبروري 2025ع ۾ پيش آيل ڌڪتي واري واقعي جي جاچ دوران پنج جوابدارن جي سڃاڻپ ڪئي وئي آهي، جن ۾ زوهيب، بلال اڪرم، مرتضيٰ، جواد ۽ بلال حميد شامل آهن. پوليس موجب، جوابدارن جو تعلق لسبيلا يونيورسٽي سان آهي، جن مان ڪجهه موجودا ۽ ڪجهه اڳوڻا شاگرد آهن. ايس ايس پي موجب، مبينا ماسٽر مائينڊ زوهيب کي ڳجهي اطلاع تي گرفتار ڪيو ويو، جنهن وٽان هڪ بندوق به هٿ آئي. جنهن تي الڳ ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. پوليس جي دعويٰ آهي ته جاچ دوران زوهيب ڌاڙي ۾ ملوث ٻين ماڻهن ۽ ڦر ڪيل رقم جي ورهاست بابت اهم تفصيل ٻڌايا آهن. پوليس موجب، زوهيب جي بئنڪ اڪائونٽس جي جاچ دوران حيران ڪندڙ مالي ٽرانزيڪشنز سامهون آيون آهن. ڌاڙي کان اڳ سندس اڪائونٽ ۾ ڪجهه هزار رپين جون ٽرانزيڪشنز ٿينديون هيون، پر گذريل ڏيڍ سال دوران لڳ ڀڳ 17 ڪروڙ رپين جون ٽرانزيڪشنز رڪارڊ ڪيون ويون آهن. ايس ايس پي ٻڌايو ته ڦر ڪيل رقم جي منتقلي لاءِ ڪرشنا نالي هڪ مقامي واپاري جو بئنڪ اڪائونٽ پڻ استعمال ڪيو ويو، جنهن ذريعي لڳ ڀڳ 2 ڪروڙ 75 لک رپين جون ٽرانزيڪشنز ٿيون. پوليس موجب، واپاري انهن ٽرانزيڪشنز جو اعتراف ڪيو آهي. جڏهن ته سندس بيان مئجسٽريٽ آڏو فوجداري قلم 164 تحت رڪارڊ ڪيو ويو آهي. پوليس موجب، جوابدارن جي موبائل فونن مان چيٽس ۽ ٻيا ٽيڪنيڪل ثبوت پڻ هٿ ڪيا ويا آهن. جن کي وڌيڪ فرانزڪ جاچ لاءِ پنجاب فارنزڪ سائنس ايجنسي موڪليو پيو وڃي. ايس ايس پي موجب، هن وقت تائين ٽن جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو آهي. جڏهن ته باقي جوابدارن جي گرفتاري ۽ ڦر ڪيل رقم جي وڌيڪ بازيابي لاءِ ڪارروائي جاري آهي.

بقايا ✻✻✻ 11

رجحان رهيو. روان هفتي پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج جو 100 انڊيڪس 7477 پوائنٽن جي واڌ سان 173886 پوائنٽن تي بند ٿيو هفتي دوران 100 انڊيڪس 9614 پوائنٽن جي حد اندر رهيو. انڊيڪس جي بلند ترين سطح 176604 پوائنٽس، جڏهن ته گهٽ ۾ گهٽ سطح 166989 پوائنٽس رڪارڊ ڪئي وئي. شيئرز مارڪيٽ ۾ هفتي دوران 4 ارب 28 ڪروڙ شيئرز جا سودا 142 ارب رپين ۾ طئي ٿيا. مارڪيٽ ڪيپيٽلائيزيشن ۾ هفتي دوران 520 ارب رپين جي واڌ ٿي، جنهن ڪانپوءِ اها وڌي 18 هزار 909 ارب رپيا ٿي وئي.

بقايا ✻✻✻ 12

قانونن جي ڀڃڪڙي ڪندڙن خلاف ڪارروايون جاري آهن. سينيئر صوبائي وزير مريم اورنگزيب موجب گذريل 24 ڪلاڪن دوران سڄي پنجاب ۾ صنعتي يونٽن، سرن جي ڀٽن، پلاسٽڪ جي استعمال ۽ ڪمرشل ڪچن جي نگراني لاءِ ڀرپور ميداني آپريشن ڪيو ويو. اختيارين موجب صوبي ۾ 258 صنعتي يونٽن جو معائنو ڪيو ويو، ڀڃڪڙين تي 5 يونٽ سيل ڪيا ويا، 10 لک 30 هزار رپيا ڏنڊ لاڳو ڪيو ويو اهڙيءَ طرح 452 سرن جي ڀٽن جي چڪاس دوران 3 ڀٽا ڊاهي پٽ، 4 سيل ۽ 4 خلاف ڪيس داخل ڪيا ويا. جڏهن ته 7 لک رپيا ڏنڊ پڻ وڌو ويو غير معياري پلاسٽڪ خلاف ڪارروائي ڪندي 153 هنڌن جي چڪاس ڪئي وئي، 3

بقايا ✻✻✻ 13

اٿڻ سبب ٽريڪٽر ٽرالي بي قابو ٿي موٽرسائيڪل سان ٽڪرائجي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ موٽرسائيڪل سوار مرد ۽ عورت سخت زخمي ٿي، حادثي جي اطلاع ملندي جي پوليس جي وڏي نفري ۽ امدادي ٽيمون واقعي واري هنڌ پهچي ويون. زخمين کي فوري طور جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو، جتي ٻنهي زخمن جا سور نه سهندي دم ڏئي ڇڏيو. فوتين جي سڃاڻپ نه ٿي سگهي آهي. سي ٽي او لاهور سيد عبدالرحيم شيرازي واقعي جو نوٽيس وٺندي ايس ايس پي صدر کان تفصيلي جاچ رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي. ٽريفڪ پوليس جي ترجمان موجب ٽريڪٽر ٽرالي جي ڊرائيور محمد نويد کي حراست ۾ وٺي نواب ٽائون ٿاڻي جي پوليس حوالي ڪيو ويو آهي.

بقايا ✻✻✻ 14

شن شروع ڪري ڇڏيو آهي. پيسڪو اختيارين موجب رشيد ڳوٺي جي علائقن غفور آباد، ڳوٺي حيات خان ۽ فضل رحيم ۾ ڪارروائي ڪئي وئي، جتي بقايا بلن جي عدم ادائيگي سبب رشيد ڳوٺي جا 4 وڌيڪ نقصان ڏيندڙ ٽرانسفارمر بند ڪيا ويا. پيسڪو موجب انهن ڇهن ٽرانسفارمرن تي 72 لک رپين کان وڌيڪ جا بقايا آهن. آپريشن دوران بجلي جا 130 کان وڌيڪ غيرقانوني ڪنڊا پڻ هٽايا ويا. جڏهن ته خيبر پختونخوا ۾ هيل تائين 300 کان وڌيڪ ٽرانسفارمر بند ڪيا ويا آهن.

بقايا ✻✻✻ 15

خيبرپختونخوا ۾ عزمِ استحڪام جي ويزن تحت فتنه الخوارج خلاف سيڪيورٽي فورسز جون اثرائتيون ڪارروايون جاري آهن. سيڪيورٽي فورسز بنون ۾ ڪارروائي دوران 4 دهشتگردن کي ماري ڇڏيو. جڏهن ته مارجي ويل دهشتگردن جي قبضي مان وڏي مقدار ۾ هٿيار ۽ گولا بارود پڻ هٿ ڪيو ويو. سيڪيورٽي ذريعن موجب علائقي ۾ ممڪن طور موجود ٻين دهشتگردن جي خاتمي لاءِ ڪليئرنس آپريشن جاري آهن. سيڪيورٽي ذريعن جو چوڻ آهي ته سيڪيورٽي فورسز خيبرپختونخوا مان دهشتگردي جي مڪمل خاتمي ۽ پائيدار امن جي قيام لاءِ پرعزم آهن.

بقايا ✻✻✻ 16

ليس موجب متاثر ڌرين موٽرسائيڪل تي سامان کڻي وڃي رهيون هيون. متاثرن پنهنجي بيان ۾ ٻڌايو ته 6 جوابدارن کين يرغمال بڻائي 82 تولا سون ۽ 4 ڪلو چاندي ڦر ڪئي ۽ فرار ٿي ويا. پوليس اختيارين جو چوڻ آهي ته واقعي جي جاچ شروع ڪئي وئي آهي. جڏهن ته علائقي جي سي سي ٽي وي ڪيمرائن جي فوٽيج پڻ حاصل ڪئي پئي وڃي.

بقايا ✻✻✻ 17

ويا. جڏهن ته 182 ڄڻا زخمي ٿيا. رپورٽ موجب، پوليس رڪارڊ ۾ ڦر دوران مزاحمت تي قتل ٿيل شهرين جو انگ 51 ڄاڻايو ويو آهي. 5 نومبر تائين شهرين کان ڪروڙين رپين جي ماليت جا 16 هزار 821 موبائل فون ڦريا ويا. جڏهن ته 1 هزار 301 گاڏيون ۽ 28 هزار 495 موٽرسائيڪلون ڦر يا چوري ڪيون ويون. رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته مجموعي طور 4 هزار 273 گاڏيون ۽ موٽرسائيڪلون ڦريون ويون. جڏهن ته 25 هزار 523 گاڏيون ۽ موٽرسائيڪلون چوري ٿيون. هلندڙ سال روزاني بنيادن تي موبائل فون ڦرڻ جي شرح 54.43، گاڏين جي چوري ۽ ڦر جي شرح 4.21، جڏهن ته موٽرسائيڪلن جي ڦر ۽ چوري جي روزاني شرح 92.21 رهي.

بقايا ✻✻✻ 18

شورانڊس سي بلاڪ جي انتظامي ۽ آپريشنل ذميواري حاصل ڪري ورتي آهي. جنهن تحت گڏيل منصوبي ۾ ترڪ ڪمپنيءَ جا 25 سيڪڙو، پاڪستان پيٽروليم لميٽيڊ (پي پي ايل) جا 35 سيڪڙو، جڏهن ته آئل اينڊ گئس ڊولپمينٽ ڪمپني لميٽيڊ (او جي ڊي سي ايل) ۽ ميري انرجيز جا 20، 20 سيڪڙو حصا هوندا. ترڪ جهاز سمنڊ جي تري هيٺ موجود زميني بناوتن جو جائزو وٺڻ لاءِ خاص سروي ڪندو، جنهن ذريعي تيل ۽ گئس جي امڪاني ذخيرن جي نشاندهي ڪرڻ ۽ مستقبل ۾ کوٽائي لاءِ مناسب هنڌن جي چونڊ ڪرڻ ۾ مدد ملندي. بهرحال، هن سروي سان تجارتي بنيادن تي حاصل ڪري سگهجندڙ تيل ۽ گئس جي ذخيرن جي موجودگي ثابت نه ٿيندي، ان لاءِ وڌيڪ کوٽائي ۽ فني توڙي تجارتي جائزي جي ضرورت پوندي. وفاقي پيٽروليم واري وزير علي پرويز ملڪ جمعي ڏينهن هڪ اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪندي ترڪ جهاز جي آمد ۽ سروي شروع ڪرڻ لاءِ ڪيل تيارين جو جائزو ورتو ۽ لاڳاپيل ادارن کي هدايت ڪئي ته ساموندي اجازت نامو، بندرگاهه جا انتظام، سيڪيورٽي، عملي ڪاروائين جا بندوبست ۽ ٻيا ضروري معاملا وقت سر مڪمل ڪيا وڃن. هن پاڪ-ترڪ توانائي سهڪار ۾ ٿيندڙ اڳڀرائي کي تاريخي سنگ ميل قرار ڏيندي چيو ته هو جهاز جي ڪراچي پهچڻ تي پاڻ ان جي آجيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو. پيٽروليم واري وزير ترڪ وفد کي مڪمل سرڪاري سهڪار جي خاطري ڪرائي. جڏهن ته ترڪ ڪمپنيءَ جي منصوبي جي مئنيجر پاڪستاني ادارن جي سهڪار تي اطمينان جو اظهار ڪندي سروي مهم جي ڪاميابيءَ لاءِ اميد ظاهر ڪئي. اجلاس ۾ پيٽروليم واري سيڪريٽري، ڊائريڪٽر جنرل پيٽروليم ڪنسيشنز، او جي ڊي سي ايل، پي پي ايل ۽ گورنمينٽ هولڊنگز جي سربراهن سميت پرڏيهي معاملن، دفاع، گهرو معاملن، ساموندي معاملن، بورڊ آف انويسٽمينٽ ۽ لاڳاپيل ساموندي توڙي بندرگاهي ادارن جي نمائندن شرڪت ڪئي. پاڪستان توانائيءَ جون وڌندڙ ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ درآمدي تيل ۽ گئس تي ڀاڙي رهيو آهي. اهڙي صورتحال ۾ سمنڊ اندر تيل ۽ گئس جي ذخيرن جي ڳولا جي اها نئين ڪوشش ڪامياب ٿيڻ جي صورت ۾ ملڪ جي توانائي وسيلن ۾ واڌ ۽ پرڏيهي سيڙپڪاريءَ جا نوان موقعا پيدا ڪري سگهي ٿي.

بقايا ✻✻✻ 19

ود آمريڪي شهرين کي يمن جي ايران نواز حوثي گروپ طرفان امڪاني حملن جي خطري کان خبردار ڪري ڇڏيو آهي. ڪيبل نيوز نيٽ ورڪ (سي اين اين) موجب ايران جي ٻيٽ قشم جي پرسان ڌماڪن جي اطلاعن تي صحافين جي سوالن جو جواب ڏيندي ٽرمپ پهريان ڪارروائي جي ڳالهائڻ کان پاسو ڪيو، پر بعد ۾ حملن جي تصديق ڪري ڇڏي. هن صحافين سان ڳالهيون ڪندي چيو ته مان انهي باري ۾ ڳالهائڻ نٿو چاهيان پر محدود نوعيت جا حملا ڪندا آهيون. جنهن کان پوءِ فلوريڊا جي شهر ويسٽ پام بيچ پهچڻ تي ٽرمپ دعويٰ ڪئي ته آمريڪي فورسز ايران طرفان قائم ڪيل فضائي دفاعي نڪتن کي ڪجهه ئي منٽن ۾ تباهه ڪري ڇڏيو ٽرمپ جو چوڻ هو ته انهن (ايران) هڪ نئون جهاز تباهه ڪرڻ وارو دفاعي نظام ناهيو هو. جنهن کي اسان تقريبن 15 منٽن ۾، شايد پنج منٽن ۾ تباهه ڪري ڇڏيو. ٽرمپ جي بيان کان اڳ ايراني سرڪاري ميڊيا آبنائي هرمز ۾ اسٽريٽجڪ اهميت رکندڙ ٻيٽ قشم جي علائقي سوزا ۾ ٻن ڌماڪن جي اطلاع ڏني هئي. اها تازي ڪارروائي 2 نومبر تي آمريڪي فورسز طرفان ٻيٽ تي ڪيل حملي جي صرف چئن ڏينهن کان پوءِ سامهون آئي آهي. آمريڪي اختيارين انهي کان اڳ جي حملي کي دفاعي ڪارروائي قرار ڏيندي چيو ته انهي ۾ ايران جي زمين تان فضا ۾ مار ڪندڙ ميزائلن جي صلاحيت جو نشانو بڻايو ويو، جيڪو خطي ۾ آمريڪي اثاثن جي لاءِ خطرو بڻجي سگهيو ٿي. ٽرمپ هڪ دفعو ٻيهر انهن ڪارروائين جي شدت گهٽ ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ انهي افواهن کي رد ڪيو ويو ته اهي مڪمل جنگ جي بحالي جو اشارو آهن. آمريڪي صدر اهو به چيو ته واشنگٽن ايران ۾ قابض جو ڪردار اختيار ڪري سگهي ٿو انهي جي بقول اسان شايد صرف قابض آهيون پر قابض ٿي سگهون ٿا. ٽرمپ هڪ دفعو ٻيهر دعويٰ ڪئي ته آمريڪا عالمي توانائي جي ورهاست لاءِ اهم بحري گذرگاهه آبنائي هرمز تي ڪنٽرول رکي ٿو اتان کان رڪارڊ مقدار ۾ تيل کڻي رهيو آهي، هن چيو ته آبنائي هرمز اسان جي ڪنٽرول ۾ آهي، اسان هاڻ انهي گذرگاهه تان تاريخ جي ڪنهن به دور جي مقابلي ۾ وڌيڪ تيل کڻي رهيا آهيون. هوڏانهن ايران آبنائي هرمز تي آمريڪي ڪنٽرول جي دعويٰ کي رد ڪندي چيو آهي ته انهي بحري گذرگاهه تي اختيار اڃان تائين تهران وٽ آهي ۽ اهو پنهنجون شرطون پوريون ٿيڻ تائين انهي کي ٻيهر نه کوليندو. ٻئي طرف ٽرمپ فوجي حملن جي باوجود ايران سان سفارتي ڳالهين ۾ اڳڀرائي جي دعويٰ به ڪئي. هن صحافين کي ٻڌايو ته اسان هن وقت انهن سان ڳالهيون ڪري رهيا آهيون. اهي معاهدو ڪرڻ چاهين ٿا، انهي جو وڌيڪ چوڻ هو ته ايران سان ڳالهين ۾ ڪافي اڳڀرائي ٿئي آهي، پر هن انهي جا تفصيل يا مڪاني معاهدي جي باري ۾ ڪجهه ناهي ٻڌايو. آمريڪي پرڏيهي وزارت هڪ سيڪيورٽي ايڊوائيزري جاري ڪندي وچ اوڀر ۾ موجود آمريڪي شهرين کي حوثي گروپ سان هٿياربند حملن ۽ آمريڪي حڪومتي عهديدارن کي نشانو بڻائڻ جي مبينه ايراني ڪوشش جي خطري کي نظر ۾ رکندي محتاط رهڻ جي هدايت ڪئي. پرڏيهي وزارت سوشل ميڊيا پليٽ فارم ايڪس تي جاري ڪيل بيان ۾ چيو ته وچ اوڀر ۾ موجود آمريڪي شهري ايران جي حمايت يافته حوثين جي هٿياربند حملن ۽ خطي ۾ آمريڪي حڪومتي عهديدارن کي نشانو بڻائڻ جي ايراني ڪوششن جي وڌندڙ خطري کي پيش نظر رکندي چوڪس رهن. پرڏيهي وزير مسافرن کي امڪاني طور تي اڏامون ملتوي ٿين. فضائي حدون بند ٿيڻ ۽ ٻين سفري رڪاوٽن کان به خبردار ڪيو. پر مبينه خطرن جا وڌيڪ تفصيل فراهم ناهن ڪيا ويا. آمريڪا جي اها تازي وارننگ سعودي عرب تي حوثين جي حملن جي نئين لهر کان پوءِ سامهون آئي آهي. جمعي 6 نومبر تي سعودي فضائي دفاعي نظام نجهران جي پرسان 2 بيلسٽڪ ميزائل ۽ مڪ جي پرسان هڪ ڊرون ڪيرايو هو. آمريڪي سفارتي مشنز سعودي عرب جي شهري هوائي اڏن ۽ اهم نڪاتن تي حوثين جي ماضي جي حملن جو به حوالو ڏنو جنهن ۾ ڪيترائي شهري مارجي ويا هئا ۽ سفري نظام پڻ متاثر ٿيو هو واشنگٽن خبردار ڪيو ته ڇڪتاڻ ۾ گهٽتائي تيزي سان وڌي سگهي ٿي، ايران يا انهي جا اتحادي گروپ وچ اوڀر کان ٻاهر به آمريڪي مفادن، ڪاروباري ادارن ۽ ٻين نڪاتن کي نشانو بڻائي سگهن ٿا.

بقايا ✻✻✻ 20

ڙو تائين فصلون تباهه يا غيرپيداوار ٿي چڪيون آهن. زراعت کاتي موجب فصلن کي لڳ ڀڳ 90 سيڪڙو نقصان پهتو آهي. بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته سيپٽمبر 2026ع دوران ٿرپارڪر جي ستن ئي تعلقن ۾ رڳو هڪ کان 36 ملي ميٽر برسات رڪارڊ ڪئي وئي. غيرمتوازن برساتن سبب فصلون ۽ قدرتي چراگاهه پڻ ڪان اڳ ئي سڪي ويا. وڏي وزير هدايت ڪئي ته ٿرجي ماڻهن کي پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي يقيني بڻائي وڃي، غيرفعال آر او پلانٽن جي فوري مرمت ڪري کين فعال بڻايو وڃي ۽ پاڻي پهچائڻ جا سمورا موجود ذريعا بحال ڪيا وڃن. مراد علي شاهه چيف سيڪريٽري کي نئون ڪوٽ کان مٺي تائين پاڻي جي پائيپ لائين وڇائڻ جي فزيبلٽي جو جائزو وٺڻ ۽ پاڻي جي فراهمي لاءِ ڊگهي مدي واري رٿابندي ڪرڻ جي به هدايت ڪئي. وڏي وزير ڏڪار سبب متاثر ٿيندڙ چوپائي مال جي تحفظ لاءِ سفارشون تيار ڪرڻ ۽ ڏڪار سٽيل علائقن ۾ امدادي قدمن جي مسلسل نگراني ڪرڻ جي پڻ هدايت ڪئي. وڏي وزير مراد علي شاهه چيو ته ٿرپارڪر جي متاثر ماڻهن کي اڪيلو نه ڇڏيو ويندو، سنڌ حڪومت هر ممڪن مدد فراهم ڪندي. پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي، چوپائي مال جو تحفظ ۽ متاثر خاندانن کي رليف ڏيڻ حڪومت جي پهرين ترجيح آهي.

بقايا ✻✻✻ 21

جو خطرو وڌڻ سبب نيشنل سائبر ايمرجنسي رسپانس ٽيم (نيشنل سرٽ) مالي ادارن ۽ اهم قومي ٽاڪن لاءِ ايڊوائزري جاري ڪري ڇڏي آهي. ايڊوائزري ۾ بئنڪن ۽ مالي ادارن کي سائبر سيڪيورٽي جا انتظام وڌيڪ سخت ڪرڻ، ملٽي فيڪٽر آٿنٽيڪيشن (ايم ايف اي) اختيار ڪرڻ ۽ شڪي مالي ٽرانزيڪشنز جي مسلسل نگراني ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. نيشنل سرٽ طرفان اهم نظامن جي انٽرنيٽ تائين سڌي رسائي محدود ڪرڻ ۽ انهن جي تحفظ لاءِ واڌو حفاظتي اپاءَ وٺڻ تي پڻ زور ڏنو ويو آهي. ايڊوائزري ۾ بجلي گهرن، آئل ريفائنريز ۽ پائپ لائينز سميت اهم قومي ٽاڪن تي امڪاني سائبر حملن بابت به خدشو ظاهر ڪيو ويو آهي.

بقايا ✻✻✻ 22

لاهور ۾ دعويٰ داخل ڪرائي ڇڏي. فيملي ڪورٽ خلع جي دعويٰ تي 25 نومبر تي مڙس عتيق رياض کي نوٽيس جاري ڪندي جواب طلب ڪري ورتو آهي. صنم جاويد وڪيل بئريسٽر خديجه صديقي جي معرفت خلع جي دعويٰ داخل ڪئي آهي. واضح رهي ته صنم جاويد 9 مئي جي ڪيس ۾ ڪوٽ لکپت جيل ۾ قيد آهي.

بقايا ✻✻✻ 23

وقفي ڪانپوءِ سمنڊ ۾ تيل ۽ گئس جي امڪاني ذخيرن جي ڳولا جو عمل ٻيهر شروع ٿيڻ وارو آهي. ان سلسلي ۾ ترڪ پيٽروليم جي آف شور ڪمپني جو خاص سيزمڪ سروي جهاز 17 کان 20 نومبر تائين ڪراچي پهچندو. منصوبي تحت ساموندي سطح هيٺ موجود ارضياتي بناوتن جو سيزمڪ سروي ذريعي جائزو ورتو ويندو. جنهن جي مدد سان تيل ۽ گئس جي امڪاني ذخيرن وارن هنڌن جي نشاندهي ڪئي ويندي. اختيارين موجب، سروي دوران امڪاني ذخيرن بابت ڄاڻ حاصل ٿيندي. جڏهن ته تيل ۽ گئس جي حقيقي ذخيرن جي تصديق لاءِ وڌيڪ کوٽائي ۽ تفصيلي فني جائزو وٺڻ ضروري هوندو.

بقايا ✻✻✻ 24

ڙ جاري آهي. ارسا طرفان جاري ڪيل انگن اکرن ۾ ٻنهي لنڪ ڪئنالن مان پاڻي ڇڏڻ جي تصديق ڪئي وئي آهي. جاري ڪيل انگن اکرن موجب، تونسه وٽ ٽي پي لنڪ ڪينال مان 6 هزار 559 ڪيوسڪ، جڏهن ته چشمه وٽ سي جي لنڪ ڪينال مان 5 هزار 910 ڪيوسڪ پاڻي ڇوڙ ٿي رهيو آهي. رپورٽ موجب، پنجاب کي گذريل سال جي پيٽ ۾ 700 ڪيوسڪ وڌيڪ پاڻي ڏنو پيو وڃي، جڏهن ته سنڌ جي حصي ۾ ڪا به واڌ نه ڪئي وئي آهي ۽ صوبي کي 45 هزار ڪيوسڪ پاڻي جي فراهمي جاري آهي.

بقايا ✻✻✻ 25

سا في يونٽ مهانگي ڪري ڇڏي آهي. نيپرا بجلي مهانگي ڪرڻ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو جنهن موجب بجلي سيپٽمبر 2026 جي ماهوار ايڊجسٽمينٽ جي مد ۾ مهانگي ڪئي وئي آهي. نوٽيفڪيشن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ماهوار ايڊجسٽمينٽ نومبر جي بلن تي لاڳو ٿيندو. ٻڌايو پيو وڃي ته ماهوار ايڊجسٽمينٽ کي اليڪٽرڪ صارفين تي به لاڳو هوندو. ياد رهي ته سي پي پي اي سيپٽمبر جي ايڊجسٽمينٽ ۾ 2 رپيه 56 پئسا في يونٽ جو اضافو گهريو هو. نيپرا موجب سيپٽمبر ۾ بجلي جي اصل فيول لاڳت 9 رپيه 82 پئسا في يونٽ رهي، جڏهن ته ريفرنس فيول لاڳت 7 رپيه 45 پئسا في يونٽ مقرر هئي. اصل ۽ ريفرنس فيول لاڳت جي فرق سبب صارفين تي 2 رپيه 36 پئسا في يونٽ اضافي بار پوندو.

بقايا ✻✻✻ 26

ن ٿيون انهي ۾ ڊونلڊ ٽرمپ ۽ اسرائيلي گروپ کي شڪست ملي. جماعت اسلامي جي امير حافظ نعيم الرحمان نورحق اداري ۾ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي چيو ته 3 سال اڳ طوفان اقصيٰ جي جهڙي طرح سان فلسطينين مزاحمت ڪئي انهي جو بدلو اسرائيلين عام انسانن کان وٺڻ شروع ڪري ڇڏيو سموري غزه کي مسمار ڪيو ويو. مزاحمت جا ٿيندي آهي اها فلسطينين سيکاري. پيٽرول جي قيمتن جي حوالي سان هن چيو ته ليوي فوري طور تي ختم ڪئي وڃي. جيڪڏهن ليوي جي حوالي سان حڪومت قدم نه کنيا ته اسان ٻيهر روڊن تي ايندا سين. هن چيو ته نائب وزيراعظم اسحاق ڊار کي چيو آهي ته انهي کي ختم ڪريو. هر مهيني 150 ارب رپيه ليوي وٺي رهيا آهن. اوهان وٽ ڪهڙو مڪينزم آهي جنهن تي انهي جو چوڻ هو ته هڪ ٻن ڏينهن ۾ اسان نمبر ڏئي ڇڏينداسين. حافظ نعيم ٻڌايو ته اسحاق ڊار چيو ته جيڪڏهن ليوي ختم ڪري ڇڏينداسين ته وڏين گاڏين وارن کي به سستو پيٽرول ملندو. جنهن تي اسان انهن کي چيو ته وڏين گاڏين وارن کان بجاءِ 2 سئو ليوي وٺو. جيڪو مهانگي گاڏي رکي سگهي ٿو اهو ليوي به ڏئي سگهي ٿو. وچولي ۽ غريب طبقي کي وڏ کان وڏ رليف ڏنو وڃي. حافظ نعيم چيو ته پيٽروليم ليوي جي حوالي سان اسان جي جدوجهد جاري آهي. وزيراعظم شهباز شريف سان ملاقات ڪئي، وزيراعظم وڌيڪ رليف ڏيڻ جي لاءِ وقت گهريو آهي. اسان جو هڪ ئي مطالبو آهي ته پيٽروليم ليوي کي ختم ڪريو. هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان ۾ مرڪز ۽ صوبن ۾ جيڪي حڪومتون آهن، اهي سڀ فارم 47 جي پيداوار آهن. ڪراچي کي انهن ماڻهن تباهه ڪري ڇڏيو آهي ڪرپشن سموري سنڌ کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي. هڪ نئين عالمي نظام جي ضرورت آهي جنهن ۾ مسلمانن ۽ مزاحمتڪارن کي گڏ ٿيڻو پوندو. مان ترڪيه ويس اتي مسلڪ پرست ۽ فرقيوارانه ڳالهيون ناهن ٿينديون. اسلام جون ڳالهيون ٿينديون آهن جنهن مان اها خبر پئي ته اسلام صرف هڪ مذهب نه پر هڪ نظام جو نالو آهي.

بقايا ✻✻✻ 27

آباد جي مدرسه اخترالعلوم کي منظور ٿيل نقشي کان سواءِ تعميرات تي سي ڊي اي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيو. سي ڊي اي مدرسه اخترالعلوم جي انتظاميه کي 15 ڏينهن ۾ عمارت جو منظور ٿيل نقشو جمع ڪرائڻ جي هدايت ڪري ڇڏي. سي ڊي اي تعميراتي قانون مڪمل نه ٿيڻ تي لاڳاپيل عمارتن کي سيل ڪرڻ سميت قانوني ڪارروائي کان خبردار ڪري ڇڏيو. سي ڊي اي اسلام آباد ۾ تعميراتي قانون جي ڀڃڪڙين تي نوٽيس جاري ڪري مقرر مدي ۾ اصلاحي قدمن جي هدايت ڪري ڇڏي.

بقايا ✻✻✻ 28

بيان حلفي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ جمع ڪرائي ڇڏيو آهي. بيان حلفي موجب، اڊيالا جيل انتظاميا 31 آڪٽوبر تي اطلاع ڏنو هو ته 2 نومبر تي منجهند ساڍي 3 وڳي پي ٽي آءِ باني ۽ بشريٰ بي بي سان ملاقات طئي ٿيل آهي. ملاقات شام 4 وڳي شروع ٿي ۽ لڳ ڀڳ 40 منٽن تائين جاري رهي. بئريسٽر سلمان صفدر موجب، ملاقات دوران بشريٰ بي بي غير معمولي طور تي گهري ڪاري رنگ جون عينڪون پاتل هيون. پي ٽي آءِ باني ۽ سندس چوڻ تي عينڪ لاهڻ بعد بشريٰ بي بي سخت تڪليف ۾ نظر آيون. بشريٰ بي بي ٻڌايو ته هوءَ سج جي روشني توڙي مصنوعي روشني برداشت نٿي ڪري سگهي ۽ عينڪ کانسواءِ اکيون به کولي نٿي سگهي. سلمان صفدر موجب، بشريٰ بي بي جي اکين جي حالت انتهائي ڳڻتي جوڳي هئي ۽ کيس محسوس ٿيو ته سندس نظر سخت متاثر ٿي چڪي آهي. بيان حلفي ۾ چيو ويو آهي ته پي ٽي آءِ باني به بشريٰ بي بي جي خراب ٿيندڙ نظر سبب واضح طور پريشان نظراچي رهيو هو. بشريٰ بي بي ٻڌايو ته جيل ۾ معائني لاءِ آيل ڊاڪٽرن سندس اکين جي بيماري کي ميچور ڪيٽريڪٽ قرار ڏنو آهي. جڏهن ته ڊاڪٽرن 15 نومبر جي لڳ ڀڳ اکين جو هڪ ٻيو آپريشن ڪرڻ جو مشورو ڏنو آهي. بيان حلفي موجب، بشريٰ بي بي جيل ۾ صفائي جي صورتحال ۽ فراهم ٿيندڙ علاج تي به عدم اطمينان جو اظهار ڪيو ۽ مطالبو ڪيو ته سندس طبي معائنو ۽ علاج ذاتي ڊاڪٽرن کان ڪرايو وڃي. ٻئي طرف بشريٰ بي بي جي مڪمل ميڊيڪل رڪارڊ عدالت ۾ پيش ڪرڻ لاءِ متفرق درخواست داخل ڪرائي ڇڏي آهي، جنهن ۾ فوري طور اکين جي ماهر ڊاڪٽر کان معائنو ڪرائڻ جي استدعا ڪئي وئي آهي. درخواست ۾ چيو ويو آهي ته بشريٰ بي بي جي اکين جي حالت تيزيءَ سان خراب ٿي رهي آهي، تنهن ڪري اکين جي ماهر ۽ جيل جي ميڊيڪل آفيسر کان فوري طبي صلاح مشورو ڪرايو وڃي. درخواست بئريسٽر سلمان صفدر ۽ خالد يوسف چوڌري ذريعي داخل ڪئي وئي آهي.

بقايا ✻✻✻ 29

ي آءِ باني سان هڪ ملاقات ٿي آهي. جنهن دوران عمران خان جي صحت ۽ ڪيسن بابت ڪجهه هدايتون مليون آهن. هن چيو ته پي ٽي آءِ باني جي صحت بابت آيل اطلاع حوصلا افزا ناهن. جنهن تي پوري قوم کي ڳڻتي آهي. بئريسٽر گوهر مطالبو ڪيو ته اسيمبلي ميمبرن، ڪارڪنن ۽ حامين کي ڪنهڻ جو سلسلو بند ڪيو وڃي، عمران خان کي اسپتال منتقل ڪرڻ ۽ علاج بابت فيصلو ڪيو وڃي. جڏهن ته سندس ڀينرن کي به فوري طور آزاد ڪيو وڃي، هن سپريم ڪورٽ ۾ 18 آگسٽ واري عدالتي حڪم تي عملدرآمد ڪرائڻ جو مطالبو پڻ ڪيو.

بقايا ✻✻✻ 30

يشنگ شروع ڪرائڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو آهي. حيدرآباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي سنڌ آبادگار بورڊ جي صدر محمود نواز شاهه، جنرل سيڪريٽري ذوالفقار يوسفاڻي، سينيئر نائب صدر نديم شاهه، اسلم مري، عمران بوزدار ۽ طه ميمڻ چيو ته سنڌ ۾ ڪمند جو فصل مڪمل طور تي تيار ٿي چڪو آهي، پر 7 نومبر تائين نه ته شوگر ملن ۾ ڪرشنگ شروع ٿي سگهي آهي ۽ نه ئي حڪومت پاران ڪمند جي امدادي قيمت مقرر ڪئي وئي آهي، جنهن سبب آبادگار سخت پريشانيءَ ۾ مبتلا آهن. هنن چيو ته ڪمند جو فصل تيار ٿيڻ ۾ گهٽ ۾ گهٽ 13 کان 14 مهينا لڳن ٿا، جڏهن ته ان جي پوک تي وڏي سيڙپڪاري ڪرڻي پوي ٿي. ايندڙ سال لاءِ پوکيل ڪمند جي فصل تي به آبادگار هن وقت تائين 30 کان 40 سيڪڙو خرچ ڪري چڪا آهن. ڪمند جي فصل کي شوگر فيڪٽريز ڪنٽرول ايڪٽ 1950ع تحت تحفظ حاصل آهي، تنهن ڪري قانون موجب شوگر ملن جي ڪرشنگ بابت فيصلو ڪرڻ ضروري آهي.

بقايا ✻✻✻ 31

ٽ ڪرائم ۾ ملوث ٽولي جي سرغنه سميت 6 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو رينجرز جي ترجمان موجب خيرآباد، الطاف نگر ۽ اورنگي ٽائون ۾ ڳجهي اطلاع تي ڪارروائي ڪئي وئي. ترجمان ٻڌايو ته گرفتار جوابدارن ۾ ٽولي جو سرغنه پڻ شامل آهي. جوابدارن جي قبضي مان 4 غيرقانوني پستول، گوليون، 3 موبائل فون ۽ روڪ رقم هٿ ڪئي وئي آهي. رينجرز ترجمان موجب گرفتار جوابدارن 15 کان وڌيڪ وارداتن ۾ ملوث هجڻ جو اعتراف پڻ ڪيو آهي.

بقايا ✻✻✻ 32

ٿڻ تي ترجمان ايس ايس پي آفيس موجب ايس ايس پي دادو _ ڪيپٽن (ر) صدام حسين خاصخيلي واقعي جو فوري ۽ سخت نوٽيس وٺندي متاثر نياڻي کي فوري تحفظ فراهم ڪرڻ ۽ جوابدار جي فوري گرفتاري جا حڪم جاري ڪيا متاثر نياڻي پوليس کي شڪايت ڪئي ته سندس پيءُ علي نواز رند کيس ڪجهه عرصي کان جنسي درندگي جو نشانو بڻائيندو رهيو، ان حوالي سان هن پنهنجي والده ۽ ٻين گهر وارن کي شڪايتون به ڪيون ان باوجود سندس دادرسي ڪرڻ بدران خاموش رهڻ لاءِ چيو ويو جنهن ڪانپوءِ هن پاڻ سان ٿيندڙ ظلم جي ثبوت طور وڊيو رڪارڊ ڪئي ۽ موقعو ملڻ تي شڪايت ڪئي پوليس وٽ پهتي. واقعي جو ايس ايس پي دادو سختي سان نوٽيس وٺندي نياڻي کي تحفظ فراهم ڪري فوري ڪاروائي ڪرڻ

بقايا ✻✻✻ 33

خرچن جا تفصيل طلب ڪرڻ جي لاءِ پنجاب اسيمبلي ۾ تحريڪ التوا جمع ڪرائي وئي آهي. پنجاب اسيمبلي جي اپوزيشن ميمبر وقاص محمود تحريڪ التوا جمع ڪرائي جنهن ۾ وزيراعليٰ جي لنڊن جي دوري لاءِ سرڪاري جهاز جي استعمال ۽ سفري خرچن جا تفصيل ايوان ۾ پيش ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو آهي. تحريڪ التوا جي متن موجب 17 سيپٽمبرکي سگهي ٿي يا نه، اهو به سبب ڳڻتي جوڳو آهي. پنجاب حڪومت طرفان سرڪاري جهاز بابت هينئر تائين متضاد جواب ڏنا ويا آهن. متن موجب جهاز هلائڻ جي لاءِ 2 پرڏيهي پائلٽس به مقرر ڪيا ويا آهن جن جي گڏيل ماهوار پگهار تقريبن 70 هزار ڊالر آهي.

بقايا ✻✻✻ 34

موجب ٽرمپ انتظاميا تي خرچن، بدانتظامي ۽ ڪرپشن جي الزامن جي جاچ ڪئي ويندي، ان سلسلي ۾ سينيٽ ۽ ايوان نمائندگان جي ڊيموڪريٽ ميمبرن وچ ۾ رابطا جاري آهن. رپورٽ ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته ڊيموڪريٽس ٽرمپ انتظاميا جي پاليسين جي نگراني ۽ ڪانگريس ۾ ٻڌڻين جو منصوبو پڻ تيار ڪري ورتو آهي، ايران جنگ سينيٽ ۾ ڊيموڪريٽس جي شروعاتي جاچ جو اهم موضوع بڻجڻ جو امڪان آهي. رپورٽ موجب سينيٽ جي آرمڊ سروسز ڪميٽي جنوري ۾ بچاءَ واري وزير پيٽ هيگسيٿ کي طلب ڪري سگهي ٿي. جڏهن ته ڊيموڪريٽس جو ايران جنگ بابت وار پاورز ٺهراءَ تي ترت ووٽنگ ڪرائڻ جو منصوبو آهي.

بقايا ✻✻✻ 35

شاهه رخ ارجمند 364 ڪيس اڪلائي سڀني کان اڳتي رهيو. جسٽس شاهه رخ ارجمند لڳاتار ٻئي مهيني سڀ کان وڌيڪ ڪيس اڪلائيندڙ جج رهيو، جڏهن ته جسٽس انعام امين مناس جي سربراهي ۾ ڊويزن بئنچ 172 ڪيسن جا فيصلا ڪيا. ڊويزن بئنچ پاران اڪلائيندڙ 172 ڪيسن مان 100 کان وڌيڪ فيصلن جا تفصيلي حڪم جسٽس شاهه رخ ارجمند لکيا. جڏهن ته جسٽس انعام امين مناس جي بئنچ قتل جي 18 ريفرنسز جا فيصلا پڻ ٻڌايا. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي 10 سنگل بئنچن آڪٽوبر ۾ 1606 ڪيس اڪلائيا. جڏهن ته 5 ڊويزن بئنچن 324 ڪيسن جا فيصلا ڪيا. اهڙيءَ ريت آڪٽوبر مهيني دوران سنگل ۽ ڊويزن بئنچن مجموعي طور 1930 ڪيس اڪلائي ڇڏيا.

بقايا عوامي سوچ 01

پريس ڪلب پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. صدر فدا حسين ابڙو، اطهر سنديلو، وحيد رمضان جوڻيجو، علي اصغر ميمڻ، قاضي نياز حسين، قاضي سهيل احمد، شهاب الدين جتوئي، قاضي محمد امين، جسقم اڳواڻ رڪ سنڌي ايس يو پي اڳواڻ خالد جوڻيجو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ صحافين سخت نعريبازي ڪئي اڳواڻن چيو ته صحافين خلاف ڪوڙا ڪيس ۽ ڌمڪيون آزادي صحافت تي حملو آهن. هن سنڌ حڪومت ۽ پوليس جي اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته مبينا ڪوڙن ڪيسن جو نوٽيس وٺي شفاف جاچ ڪرائي صحافين کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 02

ڪيس داخل ڪري ڪين لاڪپ ڪيو ويو آهي : خانو ميگهواڙ چار ڏينهن اڳ شراب جون بوتلون ڏيکاريندي وڊيو وائرل ڪيو هو

بقايا عوامي سوچ 03

، مندرن ، گهرن ۽ مقدس جڳهن تي تيل جا ڏيئا يا موم بتيون ٻاري ملهائيندا آهن. اڄوڪي ڏينهن شري رامچندر چوڏهن سال بنواس ڀوڳي واپس ايوڌيا پهچڻ جي خوشي ۾ ڏيئا ٻاري آجيان ڪئي هئي. هن تهوار تي پنهنجي عزيزن، رشتيدارن ۽ پيارن جي گهر مٺايون موڪلي خوشي ملهائي ويندي آهي. ننڍڙا ٻار ۽ نوجوان ڦٽاڪا ۽ ڦلجهڙيون ٻاري خوشيون ملهائيندا آهن.

بقايا عوامي سوچ 04

يان مٺي ۾ به ٿرپارڪر جا صحافي سراپا احتجاج بڻيل آهن ته پريس ڪلب مٺي جي صحافين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن ۾ سينيئر صحافين ۽ سماجي اڳواڻن ڪاٺوجاني، نندلال لوهاڻو، ماما وشن ٿري، اڪبر درس، علي گل رند ، نظام سمون، جي آر جوڻيجو، نانڪرام ميگهواڙ ۽ ٻين احتجاج دوران ڳالهائيندي چيو ته اسان ٿر جا صحافي ۽ سماجي اڳواڻ ڄامشورو جي پوٽار طرفان ڄامشورو جي ٻاريجا صحافي پائرن تي تشدد ڪرائي سنڌس گهر ڊهرائي ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا ۽ حڪومت کان مطالبو ٿا ڪريون ته ٻاريجا صحافي پائرن تي تشدد ۽ سنڌس گهر ڊاهڻ ۽ مٿس ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ جي شفاف جانچ ڪرائي ڄامشورو جي ٻي لغام پوٽار کي لغام ڏنو وڃي ٻي صورت ۾ سموري سنڌ جا صحافي سخت احتجاج ڪرڻ تي مجبور ٿيندا!

بقايا عوامي سوچ 05

۽ ٻين اڳواڻن جي اڳواڻيءَ ۾ "محبت سنڌ" ريلي ڪڍي وئي، جيڪا شهر جي مختلف روڊن ۽ رستن تان ٿيندي پريس ڪلب ڏوڪري پهتي، جتي اڳواڻن خطاب ڪيو. اڳواڻن چيو ته سنڌ اسان جي ماءُ آهي، سنڌ جي مٽي، پاڻي، زمين، ٻولي ۽ وجود تي ڪنهن به قسم جو سودو برداشت نه ڪنداسين. سنڌ جي پاڻي تي ڌاڙو، زمينن تي قبضا، ٻاهران آيل ماڻهن جي آبادڪاري ۽ سنڌي ٻولي سان ماٽيلي ماءُ وارو سلوڪ سنڌ لاءِ وڏو خطرو آهي، جنهن خلاف هر سنڌي کي جدوجهد ڪرڻي پوندي. هن چيو ته "جاڳيا جاڳيا سنڌي جاڳيا" رڳو نعرو نه، پر سنڌ جي بقا جو اعلان آهي. سنڌي قوم کي ذات پات، گروهي اختلاف وساري هڪ ٿي پنهنجي حقن لاءِ آواز بلند ڪرڻو پوندو. هنن نوجوانن تي زور ڏنو ته تعليم، شعور ۽ قومي غيرت سان اڳتي وڌي سنڌ جي حقن لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪن. آخر ۾ ڪارڪنن سنڌ جي حقن لاءِ جدوجهد جاري رکڻ ۽ "محبت سنڌ" جو پيغام گهر گهر پهچائڻ جو عزم ڪيو.

بقايا عوامي سوچ 06

ئي ۽ شاگردن ۾ انعام ورهايا. تفصيل موجب حيا فائونڊيشن پاڪستان پاران سيرت النبي صہ جي مقابلن ۾ حصو وٺندڙ شاگردن جي حوصلا افزائي لاءِ تقريب ڪوٺائي وئي، جنهن ۾ سائين مير فتح علي شاهه پڻ موجود هو. ان موقعي تي سائين مير فتح علي شاهه حيا فائونڊيشن جي چيئرمين ۽ سموري ٽيم جي ڪوشش کي ساراهيندي چيو ته معاشري ۾ اهڙن ديني ۽ تعليمي پروگرامن جو انعقاد وقت جي اهم ضرورت آهي. هن فائونڊيشن جي نيڪ خدمتن کي ڀيٽا پيش ڪئي. مقابلي ۾ پهرين، ٻي ۽ ٽين پوزيشن حاصل ڪندڙ شاگردن کي خاص انعامن سان نوازيو ويو، جڏهن ته ٻين حصو وٺندڙ شاگردن ۾ پڻ همت افزائي لاءِ انعام ورهايا ويا. ان موقعي تي حيا فائونڊيشن جي ٽيم معاشري ۾ ديني، تعليمي ۽ فلاحي سرگرمين کي وڌيڪ هٿي وٺرائڻ ۽ پنهنجي خدمتن جو دائرو وڌائڻ واري عزم جو اظهار ڪيو. تقريب ۾ فائونڊيشن جو نائب صدر اسامه آرائين، جنرل سيڪريٽري صابر خان، خزانچي عميرخان، رحيم خان ۽ ٻيا ذميوار پڻ موجود هئا. حيا فائونڊيشن پاڪستان پاران سمورن معزز مهمانن، استادن، شاگردن ۽ سهڪار ڪندڙن جا ٿورا مڃيا ويا. جن هن بامقصد پروگرام کي ڪامياب بڻائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو

بقايا عوامي سوچ 07

ڪلب آڏو احتجاج ڪيو هو. جڏهن ته اڄ ٻيهر ميرپورخاص ۽ عمرڪوٽ جا استاد پنهنجن جائز مطالبن جي مڃتا لاءِ بک هڙتالي ڪيمپ ۾ شرڪت ڪرڻ وڃي رهيا آهن. هنن مطالبو ڪيو ته استادن جا جائز مطالبا فوري طور منظور ڪيا وڃن، استادن تي تشدد ۽ ظلم بند ڪيو وڃي ۽ سنڌ جي استادن سان ٿيندڙ ناانصافيون ختم ڪري ڪين سندن حق ڏنا وڃن.

بقايا عوامي سوچ 08

جي اڳواڻي ۾ ڪندي چيو ته پيغامِ سنڌ مارچ جو مقصد سنڌ جي قومي سڃاڻپ، سنڌ جي وحدت، وسيلن ۽ بنيادي حقن بابت عوام ۾ سجاڳي پيدا ڪرڻ آهي. هنن چيو ته سنڌ جي تاريخي، ثقافتي ۽ قومي تشخص جي تحفظ لاءِ جدوجهد جاري رکي ويندي. سنڌ جا ماڻهو پنهنجي ڌرتيءَ جي حقن ۽ وحدت جي حفاظت لاءِ متحد ٿي آواز اٿارين. جسقم اڳواڻن وڌيڪ چيو ته پيغامِ سنڌ مارچ سنڌ جي قومي حقن ۽ شعور جو پيغام آهي، جنهن کي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچايو ويندو

بقايا عوامي سوچ 09

ڪانفرنس ڪندي چيو ته اسان 50 کان 60 سالن کان اباڻي گهر ۾ رهائش پزير آهيون منهنجي ڏاڏي به انهي گهر ۾ وفات ڪئي تازو ئي منهنجي والد الياس سومرو به انهي گهر ۾ وفات ڪئي آهي جڏهن اسان منهنجي والد جي وفات بعد ٽڏي تي ويٺل غم ۾ مبتلا هئاسين انهي موقعي جو فائدو وٺندي مخالفن اسان جي گهر اندر هٿيارن سان داخل ٿي قبضو ڪري ويهي رهيا انهن کي سياسي سپورٽ پڻ حاصل آهي اسان آئي جي سنڌ ، ڊي آئي جي حيدرآباد،ايس ايس پي بدين کان اپيل ٿا ڪريون ته اسان جي گهر تان ڪيل قبضو خالي ڪرائي انصاف ڏياريو وڃي

بقايا عوامي سوچ 10

ظلم ڪري قاتلاڻا حملا ڪرايا ويا سندن گهرن تي چڙهائي ڪري عورتن جي تذليل ڪئي وئي آهي جيڪا ٻاريجا برادري سان سراسر زيادتي آهي ڪوهستان هڪ ڦرامن علائقو آهي ٻاريجا ۽ برفت برادري پاڻ ۾ ڀائر آهن انهن کي پاڻ ۾ ويڙهائڻ جي سازش بند ڪئي وڃي ڪوٽڙي واقعي بابت ٻاريجا برادري جا خدشا ختم ڪرڻ ۽ حقيقتون سامهون آڻڻ لاءِ غيرجانبدار ۽ شفاف عدالتي جاچ ڪرائي عظيم ٻاريجو ۽ سندس پائرن تي داخل ڪوڙا ڪيس ختم ڪري انهن سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 11

واسين ۾ سخت ڪٿي جي لهر ڇانئجي وئي اهي، ان سلسلي ۾ ذريعن کان مليل ڄاڻ موجب جيڪب آباد جي رهواسي مڪلي سي اين جي اسٽيشن جي مالڪ محفوظ الرحمان اڙوساڻي تي ٺٽي ضلعي اندر مختلف سرڪاري زمينن تي قبضا ڪرڻ جا مٿس سنگين الزام سامهون آيا آهن. ذريعن موجب ڄاڻايل شخص مبينا طور بااثر ڌرين جي پٺڀرائيءَ سبب بنا ڪنهن خوف جي سرڪاري زمينن تي قبضي جو سلسلو جاري رکيو پيو اچي، ذريعن موجب پهرين هن ايريگيشن ڪاتي جي 04 ايڪڙ سرڪاري زمين جا مبينا جعلي ڪاغذ تيار ڪرايا ويا، جنهن ڪانپوءِ ڊرينيج ڪاتي جي سم نالي تي قبضو ڪري ان جي 40 فوٽ ويڪر گهٽائي مبينا طور صرف 4 فوٽ تائين محدود ڪري ڇڏي اهي ۽ هاڻي قديمي ريلوي ٽريڪ تي پڻ مبينا قبضو ڪري ٽوڙ ڦوڙ شروع ڪري پنهنجي زمين کي سڌو ڪرڻ لاءِ ريلوي ٽريڪ جي حصي تي قبضي جا الزام پڻ سامهون آيا آهن. ذريعن موجب 2 ڏينهن اڳ 6 نومبر تي ايريگيشن ڪاتي جي ڄاڻايل سرڪاري زمين جنهن بابت مبينا جعلي دستاويزن ذريعي قبضي جا الزام آهن. اتي ڏينهن ڏٺي جو مٽي لاهڻ جو ڪم پڻ جاري ڪرائي ڇڏيو آهي، جنهن کي سرڪاري زمينن تي قبضي جي ڪوشش قرار ڏنو پيو وڃي، پر انتظاميہ ڪوبہ قدم کڻڻ لاءِ تيار ناهي، شهرين جو چوڻ آهي ته پوليس ۽ روينيو عملدارن کي رڳو ميون جا ريڙها لڳائيندڙ غريب مسڪين ماڻهو نظر اچن ٿا، جن خلاف فوري ڪارروائي ڪئي وڃي ٿي، پر سرڪاري زمينن، ڊرينيج نالن ۽ قديمي ريلوي ٽريڪ تي مبينا قبضي جي معاملن ۾ خاموشي جو اختيار ڪئي وئي آهي؟ ٺٽي ضلعي جي شهرين پاران ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو ايريگيشن، ڊرينيج، ريلوي ۽ پوليس جي اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته فورن معاملي جو نوٽيس وٺي شفاف ۽ غيرجانبدار جاچ ڪرائي سرڪاري زمينن جي اصل رڪارڊ جي تصديق ڪئي وڃي، جيڪڏهن الزام ثابت ٿين ته ذميوارن خلاف قانون موجب سخت ڪارروائي ڪري سرڪاري زمينن کي مبينا قبضن کان اجو قرار ڏيئي محفوظ بڻايو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 12

ڪي پاران ايف ايف سي انتظاميہ کي غريب شاگردن لاءِ اسڪالر شپ جون موڪليل درخواستون ردي ٽوڪري حوالي ڪري ڇڏيون غريب شاگردن جو مستقبل داءُ تي لڳل ايف ايف سي انتظاميہ رڳو عوام کي رليف فراهم ڪرڻ جون ڪوڙيون دعوائون ڪرڻ تائين محدود تفصيل موجب سالانہ ڪربين روپيا منافعو ڪمائيندڙ صنعتي اداري ايف ايف سي انتظاميہ ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي جي حڪمن کي مڪمل طور تي نظر انداز ڪري شاگردن جو مستقبل داءُ تي لڳائي ڇڏيو آهي ان سلسلي ۾ گزريل ڏينهن مختلف علائقن سان تعلق رکندڙ شهرين جو چوڻ هو ته ڪجھ مهينا اڳ اسان تعليم دوست آفيسر ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي سان ملاقات ڪري غريب شاگردن کي اسڪالر شپ ڏيارڻ جي اپيل ڪئي هئي جنهن بعد ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي ايف ايف سي پاڻ فيڪٽري انتظاميہ کي چند غريب مسڪين شاگردن جي تعليم لاءِ اسڪالر شپ ڏيڻ لاءِ هدايتون جاري ڪيون هيون ۽ لکت ۾ درخواستون پڻ ڏنيون هيون جيڪي درخواستون مقامي سنڌي شاگردن جون هجڻ ڪري ايف ايف سي انتظاميہ ردي ٽوڪري حوالي ڪري ڇڏيون آهن هنن جو چوڻ هو ته ايف ايف سي انتظاميہ هميشہ عوام کي رليف فراهم ڪرڻ جون ڪوڙيون دعوائون ڪرڻ تائين محدود رهي آهي جنهن سبب هن وقت تائين گهوٽڪي ضلعي جي ڪنهن به غريب شاگرد کي اسڪالر شپ نه ڏني وئي آهي جنهن سبب شاگردن جو مستقبل داءُ تي لڳل آهي هنن ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي ڪمشنر سکر ڊويزن سميت ايف ايف سي جي چيئرمين کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي ته فوري طور تي نوٽس وٺي غريب شاگردن کي اسڪالر شپ ڏني وڃي ياد رهي ته ڪجھ سال اڳ پڻ ايف ايف سي انتظاميہ پاران پنهنجي چند ريٽائرڊ ملازمن سيڪورٽي گارڊن کي هڪ هڪ ڪمرو تعمير ڪرائي ڏنو هيو جنهن کي ٻوڏ متاثرن جي گهرن جي بحالي جو ڊونگ رچائي سي ايس آر فنڊ کي رهڙو ڏنو ويو هيو

بقايا عوامي سوچ 13

ومرو ملهايو ويو جتي مرڪزي صوبائي ڊويزنن ۽ ضلعن جي اڳواڻن ۽ ٻين سوين برادري جي ماڻهن واپارين سياسي سماجي ڪارڪنن صحافين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب کي. خطاب ڪندي اڳواڻن علي محمد سومرو سردار انور سومرو عبدالنبي سومرو نظام الدين سومرو تهذيب سومرو ڊاڪٽر عثمان سومرو شبيند سومرو ۽ ٻين چيو ته شهيد دودو سومرو هڪ قبيلي يا ڪردار تائين محدود ناهي شهيد فقط سومرن جو نه پر هر راڄ هر قبيلي جو هيرو آهي دودي جي اڳواڻي ۾ اسان جي بهادرن خلجي لشڪر کي تباهه ڪيو ان وقت کان شهيد دودي جو سلسلو هلندو اچي جيڪو غيرت ۽ ڌرتي جي حفاظت جو سلسلو آهي هنن چيو ته اڄ به سنڌ کي ٽوڙڻ جي سازش ڪئي وڃي ٿي پر ياد رکو جيسيتائين دودي جا سپاهي زنده آهن آهي پنهنجي ڌرتي جي حفاظت ڪندا هنن وڌيڪ چيو ته اسان جي تحريڪ ڪنهن ڪرسي يا مفاد جي تحريڪ ناهي پر مظلوم ماڻهن جي حقن انصاف سچائي ۽ برابري جي تحريڪ آهي اسان سرداري نظام جي خلاف آهيون غريبن مٿان ظلم بربريت برداشت نه ڪنداسين اسان شهيد دودي جو پيغام هر وستي واهڻ پهچائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون هن وقت سنڌ ۾ ڪرپشن هڪ وڏو مسئلو بڻجي ويو آهي غريبن جا حق ڪاڏا ٿا وڃن ٿا انصاف جي نڙي تي لت آهي پنهنجي حقن لاءِ ٻاهر نڪرو ڪنهن به صورت ۾ جهڪڻو ناهي تقريب دوران آيل مهمانن کي لونگين ۽ اجرڪن جا تحفہ پيش ڪيا ويا آخر راڳ رنگ جي محفل پڻ ٿي جنهن ۾ نوجوانن جو رقص ڏسڻ وٽان هو ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي منظور احمد ڪنراٽي بدلي سنڌس جاءِ تي امتياز علي ابڙو ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي مقرر شهرين سياسي سماجي اڳواڻن پاران ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي منظور احمد ڪنراٽي جي بدلي وارو آرڊر ڪينسل ڪرڻ جو مطالبو تفصيل موجب ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي منظور احمد ڪنراٽي بدلي سنڌس جاءِ تي ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو امتياز علي ابڙو کي چيف سيڪريٽري سنڌ پاران نوٽيفڪيشن جاري ڪندي ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي مقرر ڪيو ويو آهي ان سلسلي ۾ چئو ٻول آهن ته هڪ کان چار گريڊ جون نوڪريون پوٽارن جي مرضي مطابق نه ڏيڻ ۽ سرڪاري ملازمن جي جعلي فرضي ڪمپنين جي نالن تي ٿيندڙ ڪروڙين روپين جي بلنگ تي سگنيچر نه ڪرڻ سبب گهوٽڪي ضلعي جي بااثر ماڻهن سان اندروني اختلاف هلندڙ هئا جنهن سبب سنڌس مافيا بدلي ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي آهي ٻي پاسي گهوٽڪي ضلعي جي شهرين سياسي سماجي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته گهوٽڪي ضلعي ۾ ڪيتري عرصي بعد ڪو تعليم دوست انسان آفيسر مقرر ٿيو هيو جنهن کي بااثر مافيا پاران بدلي ڪرايو ويو آهي هنن چيف سيڪريٽري سنڌ کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي ته ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي منظور احمد ڪنراٽي جي بدلي جو آرڊر ڪينسل ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو سڏ ڏنو ويندو

بقايا عوامي سوچ 14

ل موجب: دڙو ۾ جسقم پاران سنڌ جي ورهاڱي، سنڌ جي وسيلن جي ڦرلٽ ۽ ڌاري آبادڪاري خلاف پڇاري پل چوڪ کان روپاماڙي چوڪ تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، جنهن ۾ شرڪت ڪندڙن سنڌ جي حقن ۾ ۽ ڌاري آبادڪاري خلاف سخت نعريبازي ڪئي. ريلي جي اڳواڻي جسقم اڳواڻن انور ملاح، اشرف سولنگي، سرفراز سومرو، علي محمد ميمڻ ۽ ٻين ڪئي. ريلي ۾ شريڪ اڳواڻن ۽ ڪارڪنن هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي سنڌ جو ورهاڱو نامنظور، سنڌ ۾ ڌاريا نامنظور جا زوردار نعرا هنيا. ان موقعي تي جسقم اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌ جو ورهاڱو ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪيو ويندو. هنن وڌيڪ چيو ته شهيد بشير خان 7 نومبر تي ڪراچي ۾ لکين ماڻهن کي گڏ ڪري اهو ثابت ڪري ڇڏيو آهي ته سنڌ اسان جي ماءُ آهي، جنهن جو ورهاڱو ڪڏهن به قبول نه ڪيو ويندو. هنن مطالبو ڪيو ته سنڌ ۾ ڌاري آبادڪاري کي ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيو ويندو، ڌارين جي آبادڪاري کي روڪيو وڃي، سنڌ جي وسيلن جي ڦرلٽ بند ڪئي وڃي ۽ سنڌ جي وحدت ۽ حقن جو تحفظ يقيني بڻايو وڃي

بقايا عوامي سوچ 15

ل سائنسز گمس ۾ GYM ڪلب گمس پاران ڊزاسٽر مئنيجمينٽ آگاهي سيشن جو اهتمام ڪيو ويو ته جيئن ميڊيڪل شاگردن کي زندگي بچائڻ واري مهارتن ۽ هنگامي ردعمل جي تربيت ڏني وڃي سيشن اڄ جي تياري سياڻي جي حفاظت" جي موضوع هيٺ ۽ ڊائريڪٽر گمس ڊاڪٽر رحيم بخش ڀٽي جي هدايتن تي منعقد ڪيو ويو ڊاڪٽر اميدان چنا، وائيس پرنسپال بي ايس ٽيڪنالاجي، ۽ ڊاڪٽر مجيب الرحمان پنيري، اسسٽنٽ پروفيسر سيشن ۾ شرڪت ڪئي ۽ شاگردن سان پنهنجا تجربا شيئر ڪيا تربيت ۾ فرسٽ ايڊ ۽ ريسڪيو، ڊزاسٽر جي تياري، باهه کان بچاءُ جا اپاءُ، زلزلي کان بچاءُ ۽ ٻوڏ کان بچاءُ جي پروٽوڪول بابت ڄاڻ ڏني وئي. سيشن جو انتظام GYM ڪلب گمس جي ڪيپٽن عطا حسين ڪيريو ۽ وائيس ڪيپٽن قاسم رضا سومري جي اڳواڻي ۾ ڪيو ويو ان موقعي تي ڳالهائيندي مقررين زور ڏنو ته ميڊيڪل شاگردن ۽ صحت جي ماهرن کي نہ صرف مريضن جو علاج ڪرڻ پر هنگامي حالتن ۽ آفتن دوران مؤثر طريقي سان جواب ڏيڻ لاءِ به تيار رهڻ گهرجي. هنن چيو ته علم تياري ۽ بروقت قدم زندگيون بچائي سگهن ٿا سيشن جي آخر ۾ ڊاڪٽر مجيب الرحمان پنيري حصو وٺندڙ ميڊيڪل شاگردن ۾

بقايا عوامي سوچ 16

رو اشفاق جانوري ۽ ٻين جي مان ۾ شاندار لنچ پارٽي منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ امان پٽو نور محمد پٽو عطا محمد پٽو استاد ممتاز پٽو رزاق چنا صمد پنيرو ۽ ٻين شرڪت ڪئي جڏهن ته حافظ بلاول پٽو پاران چانہ پارٽي جو بندوبست ڪيو ويو آيل مهمانن کي اجرڪ شالن جا تحفا پيش ڪيا ويا مالها پارايا ويا ان موقعي تي پروفيسر عبدالسميع پنيرو ڊاڪٽر بختيار پنيرو ڊاڪٽر مجيب پنيرو ۽ ٻين پنا برادريءَ جي نوجوانن محسن پٽو عبدالرحيم پٽو حافظ بلاول پٽو استاد عطا محمد پٽو ۽ ٻين جا ٿورا مڃيا

بقايا عوامي سوچ 17

مستوئي برادري جو چڱو مُڙس قتل، علائقي جي صورتحال خراب، وڌيڪ خونريزي جو خطرو، لغاري مستوئي برادري جي پراڻي تڪرار تان لغاري برادري جي هٿيارٻندن ڪار تي ڳوٺ ايندڙ مستوئي برادري جي نيڪ مرد اڪبر مستوئي کي گولين هڻي قتل ڪري ڇڏيو آهي، اهڙي واقعي ڪانپوءِ علائقي جي صورتحال خراب ٿي وئي آهي ۽ مستوئي برادري جا هٿياربند گڏ ٿيڻ شروع ٿي ويا آهن جنهن ڪري وڏي خونريزي جو خدشو آهي، واقعي جو اطلاع ملڻ بعد قصبو پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش کي پوسٽ مارٽم لاءِ تعلقہ اسپتال جوهي ڪٽائي اچي رهي آهي،

بقايا عوامي سوچ 18

صحافين ۽ مختلف سياسي سماجي تنظمن جسقم بشير خان قريشي ايس يو پي، پي ٽي آءِ،پ پ شهيد پٽو، ادبي سنگت ۽ ٻين تنظمن جي اڳواڻن ڪارڪنن پاران احتجاجن هٿن ۾ بينر پلي ڪارڊ کڻي نيشنل پريس ڪلب جوهي کان ايچ يو جي ضلع اڳواڻ ايم اسماعيل پيرزادو امر لاشاري، احمد رضا پيرزادو، فاروق پنهور، مصطفي بلوچ، رحيم بخش ميمڻ،اسلم راز سومرو، ڪامريڊ قربان ڪوڪر غلام قادر لغاري ، شاعر خليل عارف سومرو ،زاهد باهوتو امين وگهيو، ساوڻ ٻبر، محمد ايوب لغاري، عبدالله، ڪوسو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري فاضل چونڪ تي ڌرڻو هنيون ان موقعي ته صحافين چيو ته ڪوٽڙي واقعي جي عدالتي جاچ ڪرائي وڃي قلم ڏٽن جو ڪم عوام جا مسئلا اجاڪر ڪرڻ آهي جيڪڏهن صحافين کي تشدد حراسان جو نشانو بڻايو ويندو ته آزاد صحافت ڪئين برقرار رهندي هنن چيو ته حڪومتي واڻن جي اشارن تي پوليس گردي سبب ٻاريجا صحافي پائرن جي گهرن کي مسمار ڪرڻ عورتن جي تذليل ڪرڻ بنا جواز گرفتاري ڪرڻ جي مذمت ڪريون تا آخر ۾ هنن مطالبو ڪيو ته ڪوٽڙي ۾ ٻاريجا برادري جي پيش آيل واقعي جو نوٽيس وٺي عدالتي تحقيقات ڪرائي صحافين سان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 19

ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي چيو آهي ته سنڌ کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ جون سازشون زور وٺي رهيون آهن. پر سنڌ جو هر ٻار پنهنجي مٽيءَ جي حفاظت ڪرڻ ڄاڻي ٿو هن ٻهارا ۾ ڪارڪنن ۽ عوام کي خطاب ڪندي چيو ته سنڌ اسان جي ماءُ آهي، ان جي وحدت تي ڪوبہ سودو نه ٿيندو. سنڌ رهبر ڪميٽي پاران 22 نومبر تي ڪراچي ۾ ٿيندڙ وحدت سنڌ مارچ سنڌ جي تاريخ جو فيصلاڪن ڏينهن هوندو، جتي لکين سنڌي پنهنجي وطن جي وحدت، حقن ۽ وسيلن جي حفاظت لاءِ گڏ ٿيندا هن سموري سنڌ واسين کي اپيل ڪئي ته 22 نومبر تي ڪراچي پهچي پنهنجو تاريخي ڪردار ادا ڪن ان موقعي تي جسقم (بشير خان) جو جنرل سيڪريٽري ڀهنل ساريو، جساف اڳواڻ رشيد سنڌي، بابو خشڪ، عنايت ڊارو، ساوڻ برفت، ننگر درس سليم سمون جاني خاصخيلي سميت ٻيا اڳواڻ ۽ ڪارڪن وڏي انگ ۾ موجود هئا

بقايا عوامي سوچ 20

يس پي سجاول محمد عثمان سدوزئي سخت نوٽيس وٺندي لاڳاپيل پوليس آفيسرن کي فوري ڪارروائي ۽ جوابدار جي گرفتاري جا حڪم جاري ڪري ڇڏيا. پوليس موجب ايس ايس پي سجاول جي هدايتن تي ايس ڊي پي او سجاول عزيز جميل ميمڻ ۽ ايس ايچ او ٽاڻو ٻنون فوري ڪارروائي ڪندي متاثر نينگري جي والد محمد رحيم ملاح جي فرياد تي ڪيس داخل ڪري ورتو، جڏهن ته واقعي ۾ نامزد جوابدار منور ملاح کي گرفتار ڪيو ويو آهي. ايس ايس پي سجاول محمد عثمان سدوزئي لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي آهي ته واقعي جي جاچ ميرٽ ۽ شفافيت جي بنياد تي مڪمل ڪئي وڃي ۽ جوابدار خلاف مضبوط قانوني شاهديون گڏ ڪري اثرائتي عدالتي ڪارروائي يقيني بڻائي وڃي. پوليس موجب واقعي جي وڌيڪ جاچ جاري آهي ۽ ڪيس جي سمورن پاسن جو جائزو ورتو پيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 21

ٿر نياڻي پنهنجي والد جي مبينا زيادتي جا ويڊيو ثبوت ڪٺي ايس ايس پي دادو صدام حسين خاصخيلي وٽ پهچي وئي، جنهن بعد ايس ايس پي واقعي جو سخت نوٽيس وٺندي بي سيڪشن ٿاڻي، وومين پوليس ۽ ڊي ايس پي دادو کي جوابدار جي گرفتاري ۽ قانوني ڪارروائي جا حڪم جاري ڪري ڇڏيا، پوليس موجب حڪمن بعد وڏي پوليس نفري رات دير سان قلندرآباد ۾ جوابدار علي نواز رند جي گهر تي ڇاپو هنيو، جتي گهر ڀاتين پاران مزاحمت ڪئي وئي. پوليس لڳ ڀڳ چئن ڪلاڪن جي ڪوشش بعد جوابدار جي گهرواري سميت ٽن ڄڻن کي گرفتار ڪري وومين پوليس سيڪشن منتقل ڪيو. جڏهن ته مک جوابدار جي گرفتاري لاءِ ڇاپا جاري رکڻ جي دعويٰ ڪئي وئي آهي. هوڏانهن متاثر نياڻي آمنا رند جي فرياد تي بي سيڪشن ٿاڻي تي ڪيس نمبر 169/2026 داخل ڪيو ويو آهي. ايف آءِ آر ۾ نياڻي موقف اختيار ڪيو آهي ته سندس والد علي نواز رند گذريل ڇهن مهينن کان ساڻس مبينا جنسي زيادتي ڪندو رهيو. هن الزام هنيو ته واقعي بابت پنهنجي ماءُ ٻاشر، چاچي مولا بخش، سئوٽ اسلم رند، ڀيڻ عائشه ۽ چاچي جي گهرواري زرينہ کي آگاهه ڪيو، پر انهن ڪيس خاموش رهڻ ۽ معاملو ڪنهن سان به ظاهر نہ ڪرڻ لاءِ چيو، ڇاڪاڻ ته ائين ڪرڻ سان خاندان جي بدنامي ٿيندي. فريادي نياڻي موجب والد ٻيهر زيادتي ڪرڻ لاءِ ڪمري ۾ آيو ته هن واقعي جي ويڊيو رڪارڊ ڪري پوليس حوالي ڪئي، پوليس پاران نياڻي جو طبي معائنو پڻ ڪرايو ويو آهي، جنهن جي رپورٽ اچڻ جو انتظار آهي. ڊي ايس پي دادو انور شيخ صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته مک جوابدار علي نواز رند اڳ به اهڙي نوعيت جي هڪ معاملي ۾ ملوث رهيو آهي، جنهن ۾ مبينا طور پنهنجي ڀائٽي سان زيادتي جو واقعو پيش آيو هو. هن چيو ته هاڻوڪي واقعي ۾ نياڻي وٽ ويڊيو ثبوت پڻ موجود آهن. جوابدار خلاف ڌيءَ سان مبينا زيادتي جو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي، جڏهن ته سهولتڪاري جي الزام هيٺ آيل ماڻهن کي پڻ جاچ ۾ شامل ڪيو ويو آهي. ڊي ايس پي موجب واقعي کان علاوه چار ٻيا ڪيس پڻ داخل ڪيا ويا آهن. جن ۾ هٿيارن جا تي ۽ ڊيوٽي اتڪاءَ جو هڪ ڪيس شامل آهي. معاملي جي هر رخ کان جاچ ڪئي پئي وڃي ۽ مک جوابدار جي گرفتاري لاءِ پوليس ڇاپا هڻي رهي آهي، ٻئي طرف پوليس پاران متاثر نياڻي آمنا رند کي دادو جي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو، جتي عدالت سنڌس تحفظ کي نظر ۾ رکندي ڪيس دادو سيف هائوس منتقل ڪرڻ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو دادو: پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي دادو جي صدر ۽ ايم پي اي بئريسٽر پير مجيب الحق واقعي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي چيو آهي ته علي نواز رند پاران جيڪو ڪجهه ڪيو ويو آهي، اهڙو عمل ڪو به عام انسان ڪرڻ جو سوچي به نٿو سگهي، هن چيو ته واقعي کي پاڪستان پيپلز پارٽي سان ڳنڍڻ ۽ سياسي پارٽي کي نشانو بڻائڻ مناسب ناهي، ڇاڪاڻ ته هر سياسي پارٽي ۾ سٺا ۽ خراب ماڻهو موجود هوندا آهن، بئريسٽر پير مجيب الحق وڌيڪ چيو ته واقعي واري رات ئي هن ايس ايس پي دادو سان رابطو ڪري شفاف جاچ ۽ ملوث جوابدار کي قانون موجب سزا ڏيارڻ جو مطالبو ڪيو هو. هن چيو ته سنڌس سمورين همدرديون متاثر معصوم نياڻي ۽ سنڌس خاندان سان گڏ آهن.

بقايا عوامي سوچ 22

محمد صالح رند جي رهواسي رحمت الله پٽ حاڪم علي رند طور ٿي آهي، جيڪو ٽريڪٽر جي ٽڪر لڳڻ سبب موقعي تي ئي دم ڏئي ويو. واقعي جو اطلاع ملڻ تي خداآباد پوليس پهچي فوتي نوجوان جو لاش ڪٽائي نيو ڊي ايچ ڪيو اسپتال دادو منتقل ڪيو، جتي ضروري قانوني ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو. نوجوان جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو. وارثن ۽ علائقي واسين ۾ سوڳ جي لهر ڇانئجي وئي، جڏهن ته وارث فوتگيءَ جو سبب بڻجندڙ ٽريڪٽر ڊرائيور کي پٽون ۽ پاراتا ڏيندا رهيا، هوڏانهن خداآباد پوليس ڪارروائي ڪندي حادثي ۾ ملوث ٽريڪٽر ۽ ان جي ڊرائيور کي حراست ۾ وٺي ڇڏيو آهي.

بقايا عوامي سوچ 23

جي واقعي ۾ مستوئي برادري جو چڱو مڙس اڪبر مستوئي قتل ٿي ويو. جنهن بعد علائقي ۾ خوف ۽ ڏهڪاءُ پکڙجي ويو. جڏهن ته صورتحال ڇڪتاڻ واري ٿي وئي آهي ۽ وڌيڪ خونريزي جو خدشو ظاهر ڪيو پيو وڃي. اطلاعن موجب ٻنهي برادرين وچ ۾ ڪافي عرصي کان پراڻو تڪرار هلندڙ هو. جنهن تان نئن گاج روڊ وٽ پيش آيل واقعي ۾ مستوئي برادري جي چڱي مڙس کي قتل ڪيو ويو. واقعي ڪانپوءِ علائقي ۾ سخت ڇڪتاڻ پيدا ٿي وئي، جڏهن ته ماڻهن ۾ خوف ۽ هراس ڇانيل آهي، واقعي جو اطلاع ملڻ تي قصبو ٿاڻي جي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي مقتول جو لاش تحويل ۾ وٺي پوسٽ مارٽم لاءِ اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو. پوليس واقعي جي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي، جڏهن ته جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڪوششون جاري آهن. هوڏانهن مقتول جي وارثن ۽ علائقي واسين مطالبو ڪيو آهي ته واقعي ۾ ملوث جوابدارن کي فوري گرفتار ڪري کين انصاف فراهم ڪيو وڃي، هنن خدشو ظاهر ڪيو ته جيڪڏهن بروقت ڪارروائي نہ ڪئي وئي ته ٻنهي برادرين وچ ۾ تڪرار وڌيڪ شدت اختيار ڪري سگهي ٿو ۽ وڌيڪ جاني نقصان ٿيڻ جو خطرو آهي، علائقي واسين انتظاميا، پوليس ۽ علائقي جي معززن کي اپيل ڪئي آهي ته تڪرار جي خاتمي لاءِ فوري طور ڪردار ادا ڪيو وڃي، جيئن امن امان بحال ڪري وڌيڪ خونريزي کي روڪي سگهجي

بقايا عوامي سوچ 24

جي رهواسي 65 سالا الهورايو ٿهيم جي نالي سان ٿي آهي واقعي جو اطلاع ملڻ تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي فوتي جو لاش ڪٽائي ضروري قانوني ڪارروائي لاءِ تعلقا اسپتال روهڙي منتقل ڪيو جتي قانوني ڪارروائي مڪمل ٿيڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو لاش گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو هوڏانهن جهانگڙو پوليس ٽرالر کي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي جڏهن ته ڊرائيور موقعي تان فرار ٿي ويو هو

بقايا عوامي سوچ 25

شاگرد تحريڪ بدين ۾ لاڙ يونيورسٽي قائم ڪئي وڃي، سنڌي شاگرد تحريڪ تعليم بچايو ڪانفرنس ۽ سنڌي شاگرد تحريڪ تعلقي بدين جو ڪنوينشن بدين ۾ ٿيو جنهن ۾ نئين تعلقي باڊي چونڊي وئي، جنهن ۾ ٽري ديو ماراج تعلقي صدر، نورالدين نظاماڻي نائب صدر، منصور خاصخيلي جنرل سيڪريٽري، مهراڻ لاڪو کي جوائنٽ سيڪريٽري، غفور نوتڪاڻي پريس سيڪريٽري، وجيش گواريو خزانچي ۽ حبيب الله ٽالپر آفيس سيڪريٽري چونڊيا ويا، جڏهن ته ميمبرن ۾ صدام سومرو، نويد نوتڪاڻي ۽ فراز نظاماڻي شامل آهن. ان موقعي تي عوامي تحريڪ ضلع بدين جي صدر مختيار بڪاري، ايڊووڪيٽ اياز هاليپوٽو،سنڌي شاگرد تحريڪ ضلعي بدين جي صدر گلزار نوحاڻي، عوامي تحريڪ تعلقي بدين جي صدر ستار گوپانگ دلدار نوحاڻي، سيتل داس ۽ عمران پنهور ٽري ديو معاراج خطاب ڪندي چيو ته سنڌ ۾ اعليٰ تعليم جي ادارن جي کوٽ سبب شاگردن کي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. بدين، ٺٽي، سجاول ۽ ٿرپارڪر جي شاگردن کي اعليٰ تعليم جا بهتر موقعا فراهم ڪرڻ لاءِ لاڙ يونيورسٽي قائم ڪئي وڃي. هنن مطالبو ڪيو ته زرعي يونيورسٽي جي عمرڪوٽ ڪيمپس جا ڪلاس فوري طور شروع ڪيا وڃن، ڪيمپس کي تالا لڳائيندڙ ڪرپٽ ڪامورن کي گرفتار ڪري عبرتناڪ سزا ڏني وڃي. اڳواڻن زرعي يونيورسٽي عمرڪوٽ ڪيمپس جي بحالي لاءِ هلندڙ شاگردن جي جدوجهد جي حمايت جو اعلان ڪندي چيو ته سنڌ جي تعليمي ادارن کي مضبوط ڪرڻ، يونيورسٽين ۾ بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ شاگردن لاءِ تعليم جا دروازا کولڻ حڪومت جي ذميواري آهي. سنڌ جي نوجوانن کي تعليم کان محروم رکڻ بدران کين جديد علم ۽ تحقيق جا موقعا فراهم ڪيا وڃن. هنن چيو ته سنڌ جي هر ضلعي ۽ تعلقي ۾ معياري تعليمي سهولتون فراهم ڪرڻ، يونيورسٽين جا نوان ڪيمپس قائم ڪرڻ ۽ اڳ ۾ قائم ڪيل ڪيمپسز ۾ تدريسي عمل شروع ڪرائڻ لاءِ سنڌي شاگرد تحريڪ جي جدوجهد جاري رهندي

بقايا عوامي سوچ 26

ضي طور نادرا سهولت مرڪز قائم ڪرڻ واري تجويز خلاف استادن،شاگردن،والدين ۽ علائقي واسين پاران ظاهر ڪيل سخت خدشن ۽ احتجاج جو نوٽيس وٺندي مڪاني ادارن،هائوسنگ اينڊ ٽائون پلاننگ واري صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه ۽ چيئرمين ضلعي ڪائونسل سکر سيد ڪميل حيدر شاهه معاملي جي حل لاءِ ڪميٽي قائم ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي صوبائي وزير واضح هدايت ڪئي آهي ته ڪنهن به صورت ۾ اسڪول جون تعليمي سرگرميون،شاگردن جي پڙهائي ۽ تدريسي ماحول متاثر نہ ٿيڻ گهرجي جڏهن ته نادرا سهولت مرڪزجي قيام لاءِ اسڪول کان ٻاهر ڪنهن ٻئي مناسب متبادل هنڌ جي چونڊ ڪئي وڃي ان سلسلي ۾ صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه ۽ چيئرمين ضلعي ڪائونسل سکر سيد ڪميل حيدر شاهه پاران لاڳاپيل اختيارين کي هدايتون جاري ڪيون ويون آهن ته معاملي کي رڳو انتظامي بنيادن تي ڏسڻ بدران تعليمي اداري جي اهميت،شاگردن جي مستقبل ۽ مقامي آبادي جي خدشن کي سامهون رکي حل ڪيو وڃي تجويز ڪيل ڪميٽي ۾ مڪاني ڪاتي جي صوبائي وزير جو فوڪل پرسن ايڊووڪيٽ عرفان علي دائود پوٽو،گورنمينٽ بيدل بڪس هاءِ اسڪول جا استاد،تعليم ڪاتي جا لاڳاپيل عملدار ۽ نادرا جا نمائندا شامل هوندا جيڪي گڏيل صلاح مشوري سان صورتحال جو جائزو وٺي پنهنجي سفارشون ۽ ايندڙ حڪمت عملي جوڙيندا واضح رهي ته گورنمينٽ بيدل بيڪس هاءِ اسڪول روهڙي جي حد اندر نادرا سهولت مرڪز قائم ڪرڻ واري تجويز خلاف گذريل ڏينهن اسڪول جي استادن،شاگردن ۽ مقامي شهرين پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو هو احتجاج ڪندڙن جو موقف هو ته تعليمي ادارا شاگردن جي تعليم ۽ تربيت لاءِ مخصوص هوندا آهن تنهنڪري اسڪول جي عمارت يا حدن اندر نادرا آفيس قائم ڪرڻ مناسب عمل نہ آهي هنن اختيارين کان مطالبو ڪيو هو ته نادرا سهولت مرڪز لاءِ ڪنهن ٻئي سرڪاري يا مناسب هنڌ جي چونڊ ڪئي وڃي جيئن اسڪول جو تعليمي ماحول برقرار رهي سگهي احتجاج ڪندڙ استادن،شاگردن ۽ شهرين خدشو ظاهر ڪيو هو ته اسڪول اندر نادرا آفيس قائم ٿيڻ جي صورت ۾ روزانو وڏي انگ ۾ ماڻهن جي اچ وڃ ٿيندي جنهن سبب اسڪول جي ماحول،شاگردن تي جي پڙهائي،سندن سهولتن ۽ اداري جي انتظامي معاملن تي ناڪاري اثر پئجي سگهي ٿو

بقايا عوامي سوچ 27

ڪوشش ڪندڙ شخص کي پاڪستان نيوي جي ريسڪيو ٽيم فوري طور امدادي ڪارروائي شروع ڪري درياءَ ۾ ٻڏندڙ شخص کي زنده ٻاهر ڪڍي ورتو ٽوبن پاران ريسڪيو ڪيل شخص جي سڃاڻپ 55 ورهين جي سچل پال ولد هرڪن داس رهواسي شاهه غازي محلو تعلقو ۽ ضلعو جيڪب آباد طور ٿي آهي نيوي جي ٽوبن ضروري قانوني ڪارروائي مڪمل ڪرڻ ڪانپوءِ ڄاڻايل شخص کي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو جڏهن ته واقعي جا ڪارڻ معلوم ڪرڻ لاءِ وڌيڪ جاچ جاري آهي

بقايا عوامي سوچ 28

تارن جي مستقل مرمت بدران عارضي طور صرف "ڳنڍيون" ڏئي هليو وڃي ٿو، جنهن سبب تارون روزمره جي بنياد تي ٽٽي رستي تي ڪرنٽ سان پئجي وڃن ٿيون. ڳوٺاڻن خدشو ظاهر ڪيو آهي ته تارن ۾ سيفٽي نہ هجڻ ڪري معصوم ٻارڙن ۽ چوپائي مال جي زندگين کي سخت خطرو لاحق آهي ڳوٺاڻن حيسڪو چيف ۽ مقامي انتظاميا کان فوري نوٽيس وٺي ناقص تارون بدلائڻ ۽ خطرو ختم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا عوامي سوچ 29

هي. سچل گراؤنڊ وٽ تعزيت ڪرڻ بعد پنهنجي بيان ۾ ڊاڪٽر قادر مگسي چيو ته نوجوان دلشير برفت جو قتل هڪ انتهائي دردناڪ ۽ افسوسناڪ واقعو آهي. هن حڪومت ۽ وس وارن کان مطالبو ڪيو ته واقعي جي شفاف جاچ لاءِ اعليٰ سطح جي جوڊيشل انڪوائري ڪرائي وڃي. ايس ٽي پي چيئرمين چيو ته جوڊيشل انڪوائري ذريعي واقعي ۾ ملوث جيڪي به قاتل ۽ ڏوهي آهن، انهن کي سخت کان سخت سزا ڏئي ڪيفر ڪردار تائين پهچايو وڃي تاڪي مظلوم خاندان کي انصاف ملي سگهي

بقايا عوامي سوچ 30

ي جي شاگرد راشد زرداري ڪيس رستي تي دوستي رکڻ لاءِ دٻاءُ وڌو ۽ زبردستي پاڻ سان گڏ هلڻ لاءِ مجبور ڪيو. شاگردياڻي موجب انڪار ڪرڻ تي ڪيس مبينا طور سگريٽن جا ڏنپ ڏنا ويا ۽ حراسان ڪيو ويو. متاثر شاگردياڻي واقعي خلاف سنڌ يونيورسٽي جي اينٽي هراسمنٽ سيل ۽ لاڳاپيل شعبي ۾ لکت ۾ درخواست جمع ڪرائيندي مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي، مبينا طور ملوث شاگرد خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي، ڪيس تحفظ فراهم ڪيو وڃي ۽ انصاف ڏياريو وڃي. هوڏانهن جاچ ڪاميٽي جي سربراهه ميڊم سميرا ڏيرو جو چوڻ آهي ته شاگردياڻي جي شڪايت موصول ٿي آهي، معاملي جي سيني رخن کان جاچ ڪري رهيا آهيون. لاڳاپيل ماڻهن جا بيان ورتا پيا وڃن ۽ جلد اصل حقيقتن تائين پهچنداسين. ٻئي طرف الزام هيٺ آيل شاگرد راشد زرداري پنهنجي موقف ۾ چيو آهي ته جنهن ڏينهن شاگردياڻي شڪايت ڪئي، ان ڏينهن هو يونيورسٽي آيو ئي نہ هو. واقعي ڪانپوءِ يونيورسٽي جي شاگردن ۽ تعليمي حلقن پاران مطالبو ڪيو پيو وڃي ته معاملي جي غيرجانبداراڻي جاچ ڪرائي وڃي ۽ شاگردياڻين لاءِ محفوظ تعليمي ماحول کي يقيني بڻايو وڃي

بقايا عوامي سوچ 31

صدر فدا حسين چانڊيو جنرل سيڪريٽري ارشد علي شيخ سابق صدر ذوالفقار خاصخيلي بخ ٻين خطاب ڪندي چيو ته علائقي جي ايم اين اي ملڪ اسد سڪندر جي چرچ تي ٻاريجا صحافي پائرن خلاف ڄام شورو پوليس ڪوڙا ڪيس داخل گرفتاريون ڪرڻ گهرن ۾ گهڙي عورتن تي تشدد ڪرڻ ۽ ڦرلٽ واقعي جي عدالتي جانچ ڪرائي وڃي ۽ ايس ايس پي کي برطرف ڪيو وڃي

نمائندا گهرجن

هر خبر تي نظر

روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن مان رپورٽر گهرجن صحافت سان دلچسپي رکندڙ اداري سان رابطو ڪن.

رابطي لاءِ:

03072308754_03003924502

صحافين خلاف ڪوڙا ڪيس داخل ٿيڻ تي ڏوڪري ۾ احتجاج

قاضي محمد امين، جسقم اڳواڻ رڪ سنڌي ايس يو پي اڳواڻ خالد جوڻيجو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ صحافين سخت نعريبازي

صحافين خلاف ڪوڙا ڪيس ۽ ڌمڪيون آزادي صحافت تي حملو آهن هنن سنڌ حڪومت ۽ پوليس جي اعليٰ اختيارين کان مطالبو

مبينا ڪوڙن ڪيسن جو نوٽيس وٺي شفاف جاچ ڪرائي صحافين کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

ڏوڪري(رپورٽر) صحافين خلاف ڪوڙا ڪيس داخل ٿيڻ تي ڏوڪري ۾ احتجاج. تفصيل موجب ڪوٽڙي ۾ صحافي ڏٽي بخش باريجو ۽ عظيم باريجو خلاف مبينا ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ ۽ سنڌ ۾ صحافين تي حملن خلاف ڏوڪري/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

چاچڙو پوليس جي ڪارروائي ويجهو شراب ۽ ٻي منشيات سان گڏ وڊيو ٺاهي ٽڪ ٽاڪ تي وائرل ڪندڙ نوجوان کي پوليس گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪيو ويو

مٺي (ڊ ر محمدرحيم مگريو) چاچڙو پوليس جي ڪارروائي ويجهو شراب ۽ ٻي منشيات سان گڏ وڊيو ٺاهي ٽڪ ٽاڪ تي وائرل ڪندڙ نوجوان کي پوليس گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪيو ويو آهي پوليس ڪارروائي ڪندي جوابدار کانومل پٽ جيٺپ ميگهواڙ کي گرفتار ڪري مٿس ڪيس داخل ڪري ڇڏيو اي ايس آئي ديالداس جي فرياد تي 14 شراب جو بوتلون رکڻ جي ڏوهه تحت /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

پوري ملڪ جيئان ٿرپارڪر ۾ به هندو برادري اڄ پنهنجو روشنين جو تهوار ڏياري ملهائيندي

اهو تهوار هر سال ڪارتڪ مهيني جي اونداهي چوڏس يا اماوس جي رات پنهنجي ، مندرن ، گهرن ۽ مقدس جڳهن تي تيل جا ڏيئا يا موم بتيون ٻاري ملهائيندا آهن

اڄوڪي ڏينهن شري رامچندر چوڏهن سال بنواس پوڳي واپس ايوڌيا پهچڻ جي خوشي ۾ ڏيئا ٻاري آجيان ڪئي هئي

هن تهوار تي پنهنجي عزيزن، رشتيدارن ۽ پيارن جي گهر مٺايون موڪلي خوشي ملهائي ويندي آهي. ننڍڙا ٻار ۽ نوجوان ڦٽاڪا ۽ ڦلجهڙيون ٻاري خوشيون ملهائيندا آهن

ٿرپارڪر (ڊ ر محمدرحيم مگريو) : خبر موجب پوري ملڪ جيئان چيلهار ۾ به هندو برادري طرفان اڄ روشنين جو تهوار ڏياري جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويندو. اهو تهوار هر سال ڪارتڪ مهيني جي اونداهي چوڏس يا اماوس جي رات پنهنجي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

ڄامشورو جي باريجا پائر صحافين تي تشدد ڪري سندس گهر ڍاهي ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ خلاف احتجاج

ٿرپريس ڪلب مٺي جي صحافين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

اسان ٿر جا صحافي ۽ سماجي اڳواڻ ڄامشورو جي پوليس طرفان ڄامشورو جي باريجا صحافي پائرن تي تشدد ڪرائي

مٺي (ڊ ر محمدرحيم مگريو) ڄامشورو جي باريجا پائر صحافين تي تشدد ڪري سندس گهر ڍاهي ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ خلاف سموري سنڌ ج/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

ڏوڪري ۾ جسقم پاران ”محبت سنڌ“ ريلي، سنڌ جي حقن لاءِ جدوجهد جو عزم

جسقم تعلقي ڏوڪري پاران رڪ سنڌي، روهت ڪمار، علي ڏنو سانگهرو، ايس يو پي اڳواڻ صابر جروار، خالد جوڻيجو ۽ ٻين اڳواڻن جي اڳواڻيءَ ۾ ”محبت سنڌ“ ريلي ڪڍي وئي

جيڪا شهر جي مختلف روڊن ۽ رستن تان ٿيندي پريس ڪلب ڏوڪري پهتي، جتي اڳواڻن خطاب ڪيو

سنڌ اسان جي ماءُ آهي، سنڌ جي مٽي، پاڻي، زمين، ٻولي ۽ وجود تي ڪنهن به قسم جو سودو برداشت نه ڪنداسين

ڏوڪري(رپورٽر) ڏوڪري ۾ جسقم پاران ”محبت سنڌ“ ريلي، سنڌ جي حقن لاءِ جدوجهد جو عزم. تفصيل موجب جسقم تعلقي ڏوڪري پاران رڪ سنڌي، روهت ڪمار، علي ڏنو سانگهرو، ايس يو پي اڳواڻ صابر جروار، خالد جوڻيجو/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

حيا فائونڊيشن پاڪستان پاران سيرت النبي صہ جي مقابلن ۾ حصو وٺندڙ شاگردن جي همت افزائي لاءِ هڪ پروقار انعامي تقريب

جنهن ۾ حيا فائونڊيشن جي چيئرمين افروز حسن خاص شرڪت ڪئي ۽ شاگردن ۾ انعام ورهايا

فائونڊيشن جو نائب صدر اسامہ آرائين، جنرل سيڪريٽري صابر خان، خزانچي عمير خان، رحيم خان ۽ ٻيا ذميوار پڻ موجود هئا

حيا فائونڊيشن پاڪستان پاران سمورن معزز مهمانن، استادن، شاگردن ۽ سهڪار ڪندڙن جا ٿورا مڃيا ويا

ڪنري (رپورٽ/ذوالفقار پيٽي) حيا فائونڊيشن پاڪستان پاران سيرت النبي صہ جي مقابلن ۾ حصو وٺندڙ شاگردن جي همت افزائي لاءِ هڪ پروقار انعامي تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ حيا فائونڊيشن جي چيئرمين افروز حسن خاص شرڪت ڪ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

ميرپورخاص ۽ عمرڪوٽ جي پرائمري استادن جو ڪراچي پريس ڪلب آڏو بک هڙتالي ڪيمپ لاءِ قافلو روانو

ميرپورخاص (بيورو رپورٽ) ميرپورخاص ۽ عمرڪوٽ جي پرائمري استادن جو قافلو ڪراچي پريس ڪلب آڏو بک هڙتالي ڪيمپ ۾ شرڪت لاءِ روانو ٿي ويو. قافلو پ ٽ الف اڳواڻ اعظم خان هزاروي ۽ شمس الدين پنهور جي اڳواڻي ۾ روانو ٿيو. ان موقعي تي پ ٽ الف اڳواڻن چيو ته استادن 4 نومبر تي به ڪراچي پريس /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

پيغامِ سنڌ مارچ جي سلسلي ۾ جيئي سنڌ قومي محاذ (جسقم) جي ضلعي اڳواڻن پاران ٺٽي ۾ هڪ احتجاجي مظاهرو

پيغامِ سنڌ مارچ جو مقصد سنڌ جي قومي سڃاڻپ، سنڌ جي وحدت، وسيلن ۽ بنيادي حقن بابت عوام ۾ سجاڳي پيدا ڪرڻ آهي

سنڌ جي تاريخي، ثقافتي ۽ قومي تشخص جي تحفظ لاءِ جدوجهد جاري رکي ويندي. سنڌ جا ماڻهو پنهنجي ڌرتيءَ جي حقن ۽ وحدت جي حفاظت لاءِ متحد ٿي آواز اٿارين

پيغامِ سنڌ مارچ سنڌ جي قومي حقن ۽ شعور جو پيغام آهي، جنهن کي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچايو ويندو

ٺٽو(رپورٽ احدشورو) پيغامِ سنڌ مارچ جي سلسلي ۾ جيئي سنڌ قومي محاذ (جسقم) جي ضلعي اڳواڻن پاران ٺٽي ۾ هڪ احتجاجي مظاهرو جسقم اڳواڻ غلام نبي ڪٽي، پير گلزار شاهه، نظام جوکيو اسد گوپانگ مالڪ بروهي ۽ ٻين /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

بدين جي رهواسين غلام دستگير ۽ شفيق احمد پاران پلاٽ تي قبضو ڪرڻ خلاف پريس ڪانفرنس

اسان 50 کان 60 سالن کان اباڻي گهر ۾ رهائش پذير آهيون منهنجي ڏاڏي به انهي گهر ۾ وفات ڪئي

تازو ئي منهنجي والد الياس سومرو به انهي گهر ۾ وفات ڪئي آهي جڏهن اسان منهنجي والد جي وفات بعد تڏي تي وينل غم ۾ مبتلا هئاسين

انهي موقعي جو فائدو وٺندي مخالفن اسان جي گهر اندر هٿيارن سان داخل ٿي قبضو ڪري ويهي رهيا

بدين (رجب راهمون) جي رهواسين غلام دستگير ۽ شفيق احمد پاران پلاٽ تي قبضو ڪرڻ خلاف پريس ڪانفرنس تفصيل . بدين الهڏنو سومرو ڳوٺ جي رهواسين غلام دستگير ۽ شفيق احمد نيشنل پريس ڪلب بدين تي پريس /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

ڪوٽڙي جي صحافي عظيم باريجو ۽ سندس پائرن تي داخل ڪيس ختم ڪرڻ ۽ انصاف لاءِ احتجاج

صحافي عظيم باريجو، محمد اسماعيل باريجو ڏٽي بخش باريچو سان بااثر ڌر پاران ظلم ڪري قاتلاڻا حملا ڪرايا ويا :معشوق باريجو

حقيقتون سامهون آڻڻ لاءِ غيرجانبدار ۽ شفاف عدالتي جاچ ڪرائي عظيم باريجو ۽ سندس پائرن تي داخل ڪوڙا ڪيس ختم ڪري انهن سان انصاف ڪيو وڃي

اڏيرولال (رپورٽ غلام نبي چنو) ڪوٽڙي جي صحافي عظيم باريجو ۽ سندس پائرن تي داخل ڪيس ختم ڪرڻ ۽ انصاف لاءِ اوڏيرولال ۾ باريجا برادري جو احتجاج مظاهرو جوڊيشنل انڪوائري جو مطالبو ڪندي اڳواڻن معشوق باريجو، نظيراحمد باريجو زاهد حسين باريجو ۽ ٻين چيو ته صحافي عظيم باريجو، محمد اسماعيل باريجو ڏٽي بخش باريچو سان بااثر ڌر پاران/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

ڊرينج جي سم نالي توڙي قديمي ريلوي ٽريڪ جي زمين تي قبضا ٿيڻ جو انڪشاف ٿيو آهي پر انتظاميه ڪو به قدم کڻي ناهي سگهي

محفوظ الرحمان اڙوساڻي تي ٺٽي ضلعي اندر مختلف سرڪاري زمينن تي قبضا ڪرڻ جا مٿس سنگين الزام سامهون آيا

ڇاڻايل شخص مبينا طور بااثر ڌرين جي پٺڀرائيءَ سبب بنا ڪنهن خوف جي سرڪاري زمينن تي قبضي جو سلسلو جاري رکيو پيو

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) مڪلي ۾ مبينا طور بااثر ماڻهن پاران سرڪاري زمينن، ڊرينج جي سم نالي توڙي قديمي ريلوي ٽريڪ جي زمين تي قبضا ٿيڻ جو انڪشاف ٿيو آهي، پر انتظاميه ڪو به قدم کڻي ناهي سگهي، جنهن ڪري علائقي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11



ٺينگري سان مبينا جنسي زيادتي واري افسوسناڪ واقعي جو ايس ايس پي سڄاول محمد عثمان سدوزئي سخت نوٽيس

لاڳاپيل پوليس آفيسرن کي فوري ڪارروائي ۽ جوابدار جي گرفتاري جا حڪم جاري ڪري ڇڏيا

واقعي جي وڌيڪ جاچ جاري آهي ۽ ڪيس جي سمورن پاسن جو جائزو ورتو پيو وڃي

سڄاول (رپورٽ امتياز ميمڻ)ضلعي سڄاول جي ٿاڻي ٻنون جي حد ۾ معصوم ٺينگري سان مبينا جنسي زيادتي واري افسوسناڪ واقعي جو ايس ا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

ٻهارا سنڌ جي وحدت تي ڪو به سودو نه ٿيندو، ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي

سانوڻ برفت، ننگر درس سليم سمون جاني خاصخيلي سميت ٻيا اڳواڻ ۽ ڪارڪن وڏي انگ ۾ موجود هئا

هن سموري سنڌ واسين کي اپيل ڪئي ته 22 نومبر تي ڪراچي پهچي پنهنجو تاريخي ڪردار ادا ڪن

ٻهارا (رپورٽ عبدالوحيد سومرو) ٻهارا سنڌ جي وحدت تي ڪو به سودو نه ٿيندو، ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي ٻهارا جسقم (شهيد بشيرخان) جي چيئرمين/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

ڪوٽڙي جي صحافي باريجا پائرن سان ٿيل ناانصافين خلاف احتجاج

ڪوٽڙي واقعي جي عدالتي جاچ ڪرائي وڃي قلم ڌڻن جو ڪم عوام جا مسئلا اجاگر ڪرڻ آهي

جيڪڏهن صحافين کي تشدد حراسان جو نشانو بڻايو ويندو ته آزاد صحافت ڪيئن برقرار رهندي

جوهي (رپورٽ رحيم بخش ميمڻ) ڪوٽڙي جي صحافي باريجا پائرن سان ٿيل ناانصافين خلاف ايچ يو جي يونٽ جوهي ۽ نيشنل پريس ڪلب جي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

ٽئن گاج روڊ وٽ لغاري مستوئي برادري جي ٻن ڏينهن کان هلندڙ تڪرار تان مستوئي برادري جو چڱو مڙس قتل

هٿياربندن ڪار تي ڳوٺ ايندڙ مستوئي برادري جي نيڪ مرد اڪبر مستوئي کي گولين هڻي قتل ڪري ڇڏيو

جوهي (رپورٽ رحيم بخش ميمڻ) ڪاڇي جي قصبو ٿاڻي جي حد ٽئن گاج روڊ وٽ لغاري مستوئي برادري جي ٻن ڏينهن کان هلندڙ تڪرار تان /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

عبدالسميع پنهور ڊاڪٽر بختيار احمد پنهور ڊاڪٽر مجيب پنهور اشفاق جانوري ۽ ٻين جي مان ۾ شاندار لنچ پارٽي منعقد

جنهن ۾ امان پٽو نور محمد پٽو عطا محمد پٽو استاد ممتاز پٽو رزاق چنا صمد پنهور ۽ ٻين شرڪت ڪئي

حافظ بلاول پٽو پاران ڇانهن پارٽي جو بندوبست ڪيو ويو آيل مهمانن کي اجرڪ شالن جا تحفا پيش ڪيا ويا

گمبت (رپورٽ ر) ڳوٺ الهڏنو پٽو جي سماجي اڳواڻ محسن پٽو پاران پروفيسر عبدالسميع پنهور ڊاڪٽر بختيار احمد پنهور ڊاڪٽر مجيب پنهورِ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

جي آءِ ايم ايس گمبٽ ۾ ميڊيڪل شاگردن لاءِ ڊزاسٽر مئنيجمينٽ آگاهي سيشن جو انعقاد

جيئن ميڊيڪل شاگردن کي زندگي بچائڻ واري مهارتن ۽ هنگامي ردعمل جي تربيت ڏني وڃي

جي آءِ ايم ايس گمبٽ ۾ ميڊيڪل شاگردن لاءِ ڊزاسٽر مئنيجمينٽ آگاهي سيشن جو انعقاد

گمبت (رپورٽر ٿ.ر) جي آءِ ايم ايس گمبٽ ۾ ميڊيڪل شاگردن لاءِ ڊزاسٽر مئنيجمينٽ آگاهي سيشن جو انعقاد گمبٽ انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

دڙو: جسقم پاران سنڌ جي ورهاڱي، سنڌ جي وسيلن جي ڦرلٽ ۽ ڌاري آبادڪاري خلاف ريلي، سخت احتجاج زوردار نعريبازي

سنڌ جي وسيلن جي ڦرلٽ بند ڪئي وڃي ۽ سنڌ جي وحدت ۽ حقن جو تحفظ يقيني بڻايو وڃي

سنڌ ۾ ڌاري آبادڪاري کي ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيو ويندو، ڌارين جي آبادڪاري کي روڪيو وڃي

دڙو (رپورٽر)دڙو: جسقم پاران سنڌ جي ورهاڱي، سنڌ جي وسيلن جي ڦرلٽ ۽ ڌاري آبادڪاري خلاف ريلي، سخت احتجاج، زوردار نعريبازي. تفصي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

عمارشادي هال دڙو ۾ جشن شهيد دودو سومرو ملهايو ويو

صوبائي ڊويزنن ۽ ضلعن جي اڳواڻن ۽ ٻين سوين برادري جي ماڻهن واپارين سياسي سماجي ڪارڪنن صحافين وڏي انگ ۾ شرڪت

ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي منظور احمد ڪنراڻي جي بدلي جو آرڊر ڪينسل ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو سڏ ڏنو ويندو

ميرپور ماٿيلو (رپورٽر) دڙو رپورٽ. شهيد دودو سومرو ويلفيئر آرگنائيزيشن پاڪستان ضلعي سڄاول پاران عمارشادي هال دڙو ۾ جشن شهيد دودو س/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

ميرپور ماٿيلو ايف ايف سي پاڻ فيڪٽري ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي جي حڪمن کي نظرانداز ڪري ڇڏيو

ايف ايف سي انتظاميه کي غريب شاگردن لاءِ اسڪالر شپ جون موڪليل درخواستون ردي ٽوڪري حوالي ڪري ڇڏيون

غريب شاگردن جو مستقبل داءَ تي لڳل ايف ايف سي انتظاميه رڳو عوام کي رليف فراهم ڪرڻ جون ڪوڙيون دعوائون ڪرڻ تائين محدود

ميرپور ماٿيلو(رپورٽر) ميرپور ماٿيلو ايف ايف سي پاڻ فيڪٽري ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي جي حڪمن کي نظرانداز ڪري ڇڏيو ڊپٽي ڪمشنر گهوٽ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

دادو: پيءُ جي روپ ۾ وحشي درندو! دادو ۾ ڌيءَ سان 6 مهينن تائين جنسي زيادتي

نياڻي ويڊيو ثبوت کڻي ايس ايس پي وٽ پهچي وئي، ڪيس داخل، 3 ڄڻا گرفتار، متاثر نياڻي سيف هائوس منتقل

نياڻي ويڊيو ثبوت کڻي ايس ايس پي وٽ پهچي وئي، ڪيس داخل، 3 ڄڻا گرفتار، متاثر نياڻي سيف هائوس منتقل

جنهن بعد ايس ايس پي واقعي جو سخت نوٽيس وٺندي بي سيڪشن ٿاڻي، وومين پوليس ۽ ڊي ايس پي دادو کي جوابدار جي گرفتاري ۽ قانوني ڪارروائي جا حڪم جاري ڪري ڇڏيا

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) دادو شهر جي قلندرآباد پاڙي ۾ انسانيت کي لڄائيندڙ واقعو پيش آيو آهي، جتي هڪ پيءُ پاران پنهنجي ئي ڌيءَ آمنا رند سان لڳاتار ڇهن مهينن تائين مبينا جنسي زيادتي ڪرڻ جو انڪشاف ٿيو آهي. متا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

تيزرفتار ٽريڪٽر جي ٽڪر ۾ 13 ورهين جو نوجوان فوت، ڳوٺ ۾ ڪهرام، خداآباد پوليس ٽريڪٽر ۽ ڊرائيور کي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو

فوتي نوجوان جي سڃاڻپ ڳوٺ محمد صالح رند جي رهواسي رحمت الله پٽ حاڪم علي رند طور ٿي آهي

جيڪو ٽريڪٽر جي ٽڪر لڳڻ سبب موقعي تي ئي دم ڏئي ويو. واقعي جو اطلاع ملڻ تي خداآباد پوليس پهچي فوتي نوجوان جو لاش ڪڻائي

نيو ڊي ايڇ ڪيو اسپتال دادو منتقل ڪيو، جتي ضروري قانوني ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) دادو لڳ خداآباد ٿاڻي جي حد ۾ درگاهه شاهه شڪر گنج وٽ افسوسناڪ حادثي ۾ تيز رفتار روسي ٽريڪٽر جي ٽڪر ۾ روڊ ڪراس ڪندڙ 13 ورهين جو نوجوان فوت ٿي ويو. فوتي نوجوان جي سڃاڻپ ڳوٺ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

ڪاڇي ۾ پراڻي تڪرار تان مستوئي برادري جو چڱو مڙس قتل

علائقو جنگ جو ميدان بڻجڻ جو خطرو، ڇڪتاڻ پکڙجي وئي

فوري طور ڪردار ادا ڪيو وڃي، جيئن امن امان بحال ڪري وڌيڪ خونريزي کي روڪي سگهجي

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) ڪاڇي جي قصبو ٿاڻي جي حد ۾ ٽئن گاج روڊ وٽ لغاري ۽ مستوئي برادرين وچ ۾ هلندڙ پراڻي تڪرار تان فائرنگ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

روهڙي ويجهو جهانگڙو ٿاڻي جي حد ۾ ٽول پلازه پرسان نيشنل هاءِ وي تي تيز رفتار ٽرالر جو ٽڪر

روهڙي ويجهو جهانگڙو ٿاڻي جي حد ۾ ٽول پلازه پرسان نيشنل هاءِ وي تي تيز رفتار ٽرالر جو ٽڪر

فوتي شخص جي سڃاڻپ روهڙي جي علائقي منڊو ديرو جي رهواسي 65 سالا الهورايو ٿهيم جي نالي سان ٿي آهي

واقعي جو اطلاع ملڻ تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي فوتي جو لاش ڪڻائي ضروري قانوني ڪارروائي لاءِ تعلقا اسپتال روهڙي منتقل ڪيو

روهڙي (رپورٽر) روهڙي ويجهو جهانگڙو ٿاڻي جي حد ۾ ٽول پلازه پرسان نيشنل هاءِ وي تي تيز رفتار ٽرالر جو ٽڪر لڳڻ جي نتيجي ۾ پيادل ويندڙ پيرسن فوت ٿي ويو پوليس موجب فوتي شخص جي سڃاڻپ روهڙي جي علائقي منڊو ديرو /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر24

بدين ۾ تعليم بچايو ڪانفرنس، زرعي يونيورسٽي ڪيمپس عمرڪوٽ جا ڪلاس فوري طور شروع ڪرڻ جو مطالبو

زرعي يونيورسٽي ڪيمپس جي بحالي لاءِ شاگردن جي جدوجهد جي حمايت ڪريون ٿا: سنڌي شاگرد تحريڪ

تعليم بچايو ڪانفرنس ۽ سنڌي شاگرد تحريڪ تعلقي بدين جو ڪنوينشن بدين ۾ ٿيو جنهن ۾ نئين تعلقي باڊي چونڊي وئي

يونيورسٽين جا نوان ڪيمپس قائم ڪرڻ ۽ اڳ ۾ قائم ڪيل ڪيمپسز ۾ تدريسي عمل شروع ڪرائڻ لاءِ سنڌي شاگرد تحريڪ جي جدوجهد جاري رهندي

بدين (رجب راهمون) بدين ۾ تعليم بچايو ڪانفرنس، زرعي يونيورسٽي ڪيمپس عمرڪوٽ جا ڪلاس فوري طور شروع ڪرڻ جو مطالبو زرعي يونيورسٽي ڪيمپس جي بحالي لاءِ شاگردن جي جدوجهد جي حمايت ڪريون ٿا: سنڌي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

نادرا سهولت مرڪز قائم ڪرڻ واري تجويز خلاف استادن،شاگردن،والدين ۽ علائقي واسين پاران ظاهر ڪيل سخت خدشن ۽ احتجاج جو نوٽيس

روهڙي(رپورٽ : جمال ڪٽپر) روهڙي جي گورنمينٽ بيدل بکس هاءِ اسڪول جي اڳڻ ۾ عار/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

ٽپو ڏئي خودڪشي جي ڪوشش ڪندڙ شخص کي پاڪستان نيوي جي ريسڪيو ٽيم فوري طور امدادي ڪارروائي شروع

روهڙي (رپورٽ : جمال ڪٽپر) روهڙي ۾ لئنس ڊائون پل تان سنڌو درياءَ ۾ ٽپو ڏئي خودڪشي جي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

گهارو ويجهو واپڊا عملي جي لاپرواهي، هاءِ وولٽيج تارون ترڻ سبب پراڙ سڙي رک، ڳوٺاڻن جو نوٽيس جو مطالبو

حيسڪو/واپڊا عملو تارن جي مستقل مرمت بدران عارضي طور صرف ”ڳنڍيون“ ڏئي هليو وڃي ٿو

جنهن سبب تارون روزمره جي بنياد تي ٽٽي رستي تي ڪرنٽ سان پئجي وڃن ٿيون. ڳوٺاڻن خدشو ظاهر ڪيو

تارن ۾ سيفٽي نه هجڻ ڪري معصوم ٻارڙن ۽ چوپائي مال جي زندگين کي سخت خطرو لاحق آهي

گهارو (رپورٽر) گهارو ويجهو ٻاپڙا روڊ سان لڳ ڳوٺ مامون جوکيو (گاد) ۾ بجليءَ جون خطرناڪ تارون ٽٽي هيٺ ڪرڻ سبب ڳوٺاڻن جو سوين مڻ پراڙ ٻاهه جي لپيٽ ۾ اچي سڙي رک ٿي ويو مقامي ڳوٺاڻن موجب حيسڪو/واپڊا عملو/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28

ڊاڪٽر قادر مگسي جو ڪوٽڙي ۾ دلشير برفت جي قتل تي ڏک جو اظهار، جوڊيشل انڪوائري جو مطالبو

نوجوان دلشير برفت جو قتل هڪ انتهائي دردناڪ ۽ افسوسناڪ واقعو آهي : ڊاڪٽر قادر مگسي

هن حڪومت ۽ وس وارن کان مطالبو ڪيو ته واقعي جي شفاف جاچ لاءِ اعليٰ سطح جي جوڊيشل انڪوائري ڪرائي وڃي

انهن کي سخت کان سخت سزا ڏئي ڪيفر ڪردار تائين پهچايو وڃي تاڪي مظلوم خاندان کي انصاف ملي سگهي

ڪوٽڙي(رپورٽر)سنڌ ترقي پسند پارٽي (ايس ٽي پي) جي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي ڪوٽڙي جي سڄل گراؤنڊ وٽ برفت قبيلي جي مارجي ويل نوجوان دلشير برفت جي وارثن سان تعزيت ڪندي واقعي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر29

سنڌ يونيورسٽي ۾ شاگردياڻي کي مبينا طور حراسان ڪرڻ ۽ سگريٽن جا ڏنب ڏيڻ جو الزام، انتظاميا کي درخواست جمع

يونيورسٽي جي شاگرد راشد زرداري ڪيس رستي تي دوستي رکڻ لاءِ دٻاءُ وڌو ۽ زبردستي پاڻ سان گڏ هلڻ لاءِ مجبور ڪيو

متاثر شاگردياڻي واقعي خلاف سنڌ يونيورسٽي جي اينٽي هراسمنٽ سيل ۽ لاڳاپيل شعبي ۾ لکت ۾ درخواست جمع

ڄامشورو(رپورٽر)سنڌ يونيورسٽي ۾ شاگردياڻي کي مبينا طور جنسي حراسان ڪرڻ، زبردستي دوستي رکڻ لاءِ دٻاءُ وجهڻ ۽ سگريٽن جا ڏنب ڏيڻ جو افسوسناڪ واقعو سامهون اچي ويو آهي، جنهن بعد يونيورسٽي جي شاگردن ۾ ڳڻتي پکڙجي وئي آهي. تفصيل موجب سنڌ يونيورسٽي جي فزيالاجي شعبي جي ٿرڊ ايئر جي شاگردياڻي شب نور الزام هنيو آهي ته يونيورسٽ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر30



ڪوٽڙي جي صحافين عظيم باريجو ڏٽي بخش باريجو ۽ ٻين خلاف احتجاج

ذوالفقار خاصخيلي بخش علي جمالي لالا تاج رند شوڪت شاهه لڪياري سمير شاهاڻي ۽ ٻين خطاب

گهرن ۾ گهڙي عورتن تي تشدد ڪرڻ ۽ ڦرلٽ واقعي جي عدالتي جانچ ڪرائي وڃي ۽ ايس ايس پي کي برطرف ڪيو وڃي

نوابشاهه(رپورٽر) ڪوٽڙي جي صحافين عظيم باريجو ڏٽي بخش باريجو ۽ ٻين خلاف پوليس تشدد ۽ عورتن مردن کي گرفتار ڪرڻ واقعي خلاف پي ايف يو جي حيدر آباد جي سڏ تي نوابشاهه پريس ڪلب ٻاهران پريس ڪلب جي سينئرنائب/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر31